ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



ڪنعيالعل ليکواڻي

اِشاعت جو سنتيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا-١٤٦

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
سب ايڊيٽر : مکيش تلوڪاڻي

Year-37 سال : ٣٧
Vol-146 اَنڪ : ١٤٦

في انڪ : ٥٠ رپيا
Price Rs. 50/=
Annual Subscription Rs. 200/=
Life Subscription Rs. 2000/=

(April-June 2015)
اَپريل-جون ٢٠١٥

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org

سلسلو



اَسانجي طرفان ٤؛ واقفيت ٨؛ ليک - ڀارت ۾ سنڌي ٻولي قائم رکڻ / ڊا. ڪنعيالعل ليکواڻي ١٠؛ ليک - جديد دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تعليمدانن جون جوابداريون / ڊا. ڪنعيالعل ليکواڻي ١٥؛ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جي پهريون نمبر ڪهاڻي - پاسِ کَ ناپاس / ڪلاڌر مُتوا ٢٤؛ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جي ٻيون نمبر ڪهاڻي - خَوف / بنسي خوبچنداڻي ٢٤؛ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪهاڻي - جُمڙو ڪُلفيءَ وارو / اَرجن چاولا ٣٧؛ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو آتتي انعام (١) - پيمانا / ڀڳوان اَٽلاڻي ٤٢؛ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو آتتي انعام (٢) - مُنهنجو ٽالپڙ / سوني مولچنداڻي ٤٨؛ شرڌانجلي - پرنسيپال رڪمڻي سندر چٺاڻي / بلديو ٻڌراڻي ٥٤؛ شرڌانجلي - ٻاٻاڻي صاحب هڪ مهان شخص / اَرجن حاسد ٥٥؛ صدارتي تقرير - نوجوان سنڌي ليکڪن جو سيمنار / لکمي کلاڻي ٥٧؛ رپورتاج - اُسرندڙ اَديبن جو سيمينار / صاحب بجاڻي ٥٩؛ ڪَٽ - ٻہ ترجما : ٻہ صنفون (وِڌائون) - ٻہ ڀاشا روپ / ستيش روهڙا ٦١؛ توهان طرفان ٧٠؛

YUVA LEKHAK SEMINAR

Organised by

(i) Sahitya Akademi (ii) N.C.P.S.L. (iii) Indian Institute of Sindhology

On 18-19th March 2015 at Adipur



Inauguration : Dr. Prem Prakash, Dr. Satish Rohra, Lakhmi Khilani
Smt Aruna Jethwani and Dr. Hundraj Balwani



Rajesh Asudani
Nagpur



Manoj Chawla
Ahmedabad



Bhavesh Bihrani
Vadodada




Dropadi Chandnani
Bhopal




Harsha Mulchandani
Bhopal



Komal Raichandani
Adipur


COME! CREATE
SINDH IN HIND
Lakhpat
Shree Jhulelal Tirthdham
Narayan Sarovar
Aaanjee Pyaree Sindh
HEMANT KUMAR SINGH


आओ हिंद में
सिंध बनाएं
हेमन्त कुमार सिंह

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
Bharati Sindhu Vidyapeeth
Adipur - Gandhidham (Kutch)

Cordially invites you to join in

Celebrating 25 Years of Sindhology
(1990 - 2015)

24.25.26th Dec.2015

Celebration includes

Symposium, Seminar, Cultural Programme of Sindhi Music Dance and Drama, Exhibition of Sindhi Life, literature, art and culture, Visit to Jhulelal Tirthdham site and Rann Utsav

Distinguished Sindhi Luminaries from allover the world to participate

For Details please contact :

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
Bharati Sindhu Vidyapeeth
P.O.Box-10, Ward 4-A, Adipur - Gandhidham (Kutch) 370 205
Phone : (02836) 263851, 263850, 261569, Fax : 260336
E-mail : sindlogy@yahoo.com contact@sindhology.org www.sindhology.org

بينگال مان گورکالئنڊ، آسام مان بودولئنڊ، اُترپرديش مان بنديل کنڊ ۽ جاٽن لاءِ هرت پرديش وغيره.

ڀارت سرڪار اُنهن گُهرن کي جائز مڃي، هنسڪ ڪاروائين ۽ رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ پهرين ڪميشن جي طرز تي Second Commission of Reorganisation of States تجويز ڪرڻ جو لوڪشاهي طريقو اپنايو آهي. ڀارت ۾ ائميريڪا جيان اثرائتي نموني، ڀرشٽاچار مڪت حڪمراني هلائڻ لاءِ ننڍا ننڍا راجيہ وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيندا. پرڌان منتري شري نريندر موديءَ جو 'More governance with less government' ديس جي وڪاس لاءِ هڪ جادوئي منتر آهي.

ديس جي ورهاڱي جو گهڻي ۾ گهڻو نقصان سنڌي جاتيءَ کي پهتو. پنجاب ۽ بنگال کي پنهنجي پرانت جو اڌ اڌ حصو حاصل ٿيو. پر سنڌ سموري آزاديءَ جي ويڙهيءَ تي سواها ٿي ويئي. سنڌي هندو گهرڪان بي گهر ٿي، اُگهاڙي پيرين هند جي ملٽري ڪئمپن ۾ اَچي ڀاهت ٿيا. اٿي لٿي اجهي لاءِ ڪيئي سال سنگهرش ڪندا رهيا. سربري طور تہ ڪي قدر ٺاٺئيڪا ٿيا پر سنڌن مخصوص سنڌي ٻولي ۽ پوشاڪ سان لاڳاپيل سڃاڻپ آهستي آهستي ڌنڌلي ٿيندي، اڄ نہ سيان پوري طرح گم ٿي ويندي، اهو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. ڀارت ۾ اڄ ناگالئنڊ، منيپور، ميزورام، اروناچل، ميگهاليہ، ترپورا، اُترانڪنڊ، جهارکنڊ، ڇتيسگڙه جهڙا ڏهن - پندرهن لکن جي آباديءَ وارا پرانت نئين سر قائم ڪيا ويا آهن. ليڪن ٽيهن لکن سنڌين کي پنهنجي سنسڪرتي ۽ ثقافت برقرار رکڻ جو حق تسليم ڪري ڪين ڪوبہ الڳ راجيہ ڪونہ ڏنو ويو آهي. جنهن ڀاشا کي پيرن هيٺان اُسرڻ، وڌڻ ويجهڻ لاءِ زمين ڪانهي، اُن جو صفحي هستيءَ تان گم ٿي وڃڻ اڻ ٽر آهي.

ڪاش ورهاڱي وقت ڪانگريس جي اڳوانن سنڌ جو هندو گهڻائيءَ وارو ٿرپارڪر ضلعو ڀارت سان ڳنڍڻ لاءِ تحرڪ هلايو هجي ها، جئن آسام جي مسلم گهڻائيءَ وارو سلهٽ ضلعو پاڪستان کي ڏنو ويو. پوءِ ٿرپاڪر ۽ ڪڇ، راجستان جي سرحدي علائقن ۾ اڄ سنڌي هندن لاءِ پنهنجو الڳ 'سنڌ پرديش' هجي ها، سنڌن پيرن هيٺان ڌرتي هجي ها ۽ سنڌن گم ٿي وڃڻ جو خطرو پيدا نہ ٿئي ها.

اَسانجي طرفان

اَچو تہ هند ۾ سنڌ ٺاهيون !

ڏُبئيءَ جي برک سنڌورقي ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي حوالي سان هندواسيءَ جي ٢٦ اَپريل ٢٠١٥ واري انڪ ۾ هيءَ خبر شايع ٿي آهي:


سنڌي راڄيہ جي گُهر

'ڏبئيءَ ۾ رهندڙ ۽ سنڌيت سان اٿاهہ پريم رکندڙ اين. آر. آءِ. دادا رام بخشاڻي صاحب ڀارت جي پرڌان منتري مانئيہ نريندر مودي صاحب کي ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ سنڌي ڀاشائي راڄيہ ٺاهڻ لاءِ گُهر ڪندي ڪيس زبردست اپيل ڪئي آهي تہ سنڌي ست هزار سال پراڻي موهن جو دڙو سڀيتا جا ونشج آهن پر ڪين پنهنجو راڄيہ نہ هجڻ ڪري سنڌن لاءِ پنهنجي سنڌي پهچاڻ ۽ سنڌو وجود قائم رکڻ خطري وارو بڻجي ويو آهي. سو راجستان ۽ ڪڇ جي ٽڪرن کي ملائي سنڌي راڄيہ ٺاهي سگهجي ٿو. ان جي نرماڻ تي ترت ويچار ڪيو وڃي.'

يونائيٽيڊ سنڌي فورم ٽرسٽ ممبئيءَ پاران جنهنجي چيئرپرسن شريمتي پشپا آڏواڻي آهي، پنهنجي ٣٠-٣١ مارچ ٢٠١٤ تي ڀارت سرڪار جي هوم منسٽر ڏانهن موڪليل ميمورنڊم ۾ ساڳي گُهر ڪئي وئي آهي.

'Demand for Sindhi Linguistic State'، هن عرضي جي ڀنيان ڀوليوار آڌار تي رٿيل 'سنڌ پرديش' لاءِ هڪ نقشو بہ شامل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ گجرات ۽ راجستان جي چئن ضلعن ڪڇ، جيسلمير، ٻارميڙ ۽ جالور کي ملائي سنڌي ڳالهائيندڙن جي گهڻائيءَ وارو علائقو مڃيو ويو آهي.

آندرا پرديش مان تلنگانا جو نئون پرانت ڪوري ڪڍڻ بعد ڀارت جي ٻين حصن مان بہ ٿورائيءَ وارن جاتين طرفان پنهنجي لاءِ الڳ راڄيہ جي گهڻي عرصي کان هلايل آندولن زور پڪڙي رهي آهي. مهاراشٽرا مان ودرڀ، اولهہ


RAJASTHAN
GUJARAT
S L T (Sindhi Linguistic Territory)
HIMACHAL PRADESH
PUNJAB
UTTARAKHAND
HARAYANA
DELHI
UTTAR PRADESH
PAKISTAN
Jaisalmer
RAJASTHAN
Barmer
Jalor
Rann of Kachchh
Kachchh
Gulf of Kuchchh
GUJARAT
MADHYA PRADESH
Gulf of Khambhat
Arabian Sea
MAHARASHTRA
ANDHRA PRADESH
KARNATAKA
N
Map of SLT - Gujarat & Rajasthan, INDIA

شاباس آهي پٽنا (بهار) ۾ رهندڙ هڪ تواريخدان پروفيسر هيمنت ڪمار سنگهہ کي جنهن کوجنا ڪري هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي. Come! Create Sindh in Hind ۽ आओ हिन्द में सिंध बनाय هن صاحب ڏاڍي محنت ڪري سنڌين کي سندن جائز حق وٺي ڏيڻ لاءِ سڄي ڀارت کي اپيل ڪئي آهي تہ سڀ ڀارتواسي سُري پُري سنڌين کي هند ۾ پنهنجو الڳ پرانت ڪوري ڏين جئن ڀارت جي قومي تراني ۾ پنجاب، سنڌ، گجرات، مراٺا جيان سنڌ بہ هميشه لاءِ قائم دائم رهي. اُن سان هٿ چراند ڪرڻ جو وري ڪير ساهس نہ ڪري سگهي. ’سنڌ‘ جو ڀارت ۾ هئڻ هر ڀارتواسيءَ جي گُهر هئڻ کپي. ’سپت سنڌو پرديش‘ سڄي ڀارت جي گڏيل سڀيتا سنسڪرتيءَ کي پالڻ پوشڻ جو پينگهو رهيو آهي. اُتان ئي هند، هندو، هندوستان جي ۽ انڊس مان انڊيا جي اُتپتي ٿي آهي. سنڌوءَ جي ڪناري تي ئي ويدن جي رچنا ٿي آهي. ڀارت پنهنجي هن ڌروهر تان ڪيئن تو هٿ کڻي سگهي؟

هيمنت ڪمار سنگهہ جي هن ڪتاب سنڌين کي سندن غفلت جي ننڊ مان ڌونڌاڙي جاڳايو آهي. ڪين هاڻي هند ۾ سنڌ بڻائڻ جي حقي واجبي گُهر حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسڪ آندولن هلائڻ کپي. اُن ۾ ڪين نہ رڳو بهار واسين بلڪ سڀني ڀارتواسين جو ساٿ سهڪار حاصل ٿيندو. سنڌين کي انصاف ضرور پلئہ پوندو. ڇو تہ سنڌ بنان هند اڌوري آهي. سنڌ ڀارت ماتا جو جائي جم کان حصو رهي آهي. اٽوٽ انگ رهي آهي. سنڌو ندي ڀارت جي ئي ندي آهي. ڪئلاش مانسروور کان نروار ٿي ليهہ لداخ ۾ پرويش ڪري ٿي. ڪشمير پنجاب کي سائو ڪري، ٻين ستن ندين کي پاڻ ۾ شامل ڪري نارائڻ سروور ٽ سنڌو ساگر ۾ پرويش ڪري ٿي (گڏريل ٻن سون سالن کان ڌرتي ڌوڏي سبب اُها في الحال منهن موڙي ويئي آهي.) ڀاڳيرت جهڙو ساهس رکندڙ سنڌي پنهنجي سنڌو ماتا کي اڄ نہ تہ سڀاڻي پنهنجي پرشارٿ سان، اشٽ ديو جهولي لعل جي ڪرپا سان، اُن کي پنهنجي گهر واپس وٺي ايندا. ضرور وٺي ايندا. هر سنڌيءَ جو اهو درڍ سنڪلپ آهي.

سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي سگهي ڪو سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سِنڌ هِتي، سِنڌُ هُتي ! (شيام)

- اَدبي گلدستو (1999)
- بنيادي سنڌي اَنگريزي ڊڪشنري (2001)
- وهنواري سنڌي هندي ڊڪشنري (2005& 2012)
- سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ (2011)
- تصويري سنڌي شبداولي (2011)

انڪانسواء

- گهڻيئي کوجناتمڪ مقالا
- سنڌي سيڪارڻ لاءِ آڊيو ۽ وڊيو CD. ناهيل

انعام ۽ سنمان :

- ڪيترين سرڪاري ۽ غيرسرڪاري سنستائن جو ميمبر ٿي رهيل
- ڪيترين سرڪاري ۽ غيرسرڪاري سنستائن طرفان انعام ۽ سنمان ماڻيل

سرنامو :

Bldg. No. F5, Flat No. 3,
Hermes Heritage, Nagar Road,
Pune -411 006
PH - (020) 26693127,
MB - 09767842032,
Email - kplekhwani@gmail.com



ڪنعيالعل ليکواڻي

پورو نالو : ڪنعيالعل پارومل ليکواڻي

جنم : 1 اپريل 1942

جنم آستان : حيدرآباد سنڌ

تعليم : ايم. اي. (هندي) 1970

ايم. اي. (ڀاشا وگيان) 1973

پي.ايڇ.ڊي.(ڀاشا وگيان)

ساهتيہ رتن (هندي، سنڌي، سنسڪرت) 1966

پيشو : رٽائرڊ ريڊر، ويسٽرن ريجنل لئنگويج سينٽر،

ڊيڪن ڪاليج، پوني

ڇپيل ڪتاب :

- اَئن انٽينسو ڪورس اِن سنڌي (1987)
- پنهنجي سنڌي ٻولي (3 ڪتاب - 1987)
- بنيادي سنڌي-هندي ڊڪشنري (1995ء2001)
- بنيادي سنڌي انگريزي هندي ڊڪشنري (1996)
- ڀارت ۾ سنڌي تعليم (1997)
- سنڌي هندي انگريزي تصويري ڊڪشنري (1998)
- سنڌيت جي سڳنڌ (1999)

سائيءَ ريت خالي خوش خياليءَ پري اُڏامر پيرن هيٺان زمين کڏي ٿي ڇڏي. اِن ڪري اَڄ وقت جي تقاضا آهي تہ اَسين سڀ ويڇا وساري يڪمشت ٿي، حقيقت شناس بڻجي موٓجوده ماحول ۾ پنهنجي منڙي اَباڻي ٻولي زنده رکون، پنهنجا سماجي ناتا پختا بڻايون ۽ ورثي ۾ مليل پنهنجي اعليٰ تهذيب کي وڌايون ويجهايون.

ڀارت ۾ گذريل ستهٺ سالن جو اهو آزمودو رهيو آهي تہ سنڌين ۾ جذب ٿي وڃڻ جي انگ کان نہ علحدي سڃاڻپ قائم رکڻ جو جذبو سرس ٿي رهيو آهي. در اصل ڀارت جهڙي ڀوياشي ماحول ۾ هر قوم کي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ جا وجھہ وڌيڪ ئي آهن؛ تہ پوءِ هيءَ نا اُميدي ڇو ٿي اُڀجي! وجود خطري ۾ ڇو ٿو لڳي؟ اِن جا مکيہ سبب آهن، صحيح رهنمائيءَ جي کمي، دورانديشيءَ جي کوتاهي، عملي قدم نہ کڻي جذباتي بيانبازي ڪرڻ. اَسين اَڄا سنڌيت جي رچناتمڪ هلچل کي عوام جي هلچل نہ بڻائي سگهيا آهيون. اسانجا ڪيترا رهبر دائمي مرادن بدران عارضي مرادون پوريون ڪرڻ جو موھہ نٿا ڇڏين. اِها هڪ ڪوڙي سچائي آهي تہ ڪيترائي سنڌيءَ جا گهڻگهريا پختا عملي قدم کڻڻ بدران نلهن بحث مباحثن ۽ جذباتي تقريرن سان ئي سنڌيت جي پيڙھہ پختي ڪرڻ جا سپنا ڏسن ٿا؛ ڪيترا وري لاپرواهيءَ ۽ بي رخيءَ پريو نظريو اَپنائيندي تماشبين بڻيا ويٺا آهن!

مٿئين بيان مان ائين نہ سمجهجي تہ ڀارت ۾ سنڌيءَ لاءِ ڪجھہ ڪونہ ٿيو آهي. ان ڏس ۾ ڪافي ساراھہ جوڳيون ڪوششون ڪيون ويون آهن، اڃا بہ گهڻو ڪجھہ ڪري سگهجي ٿو. اُن لاءِ ٻج ڪوٺ بہ ڪانهي؛ ضرورت آهي چٽا مقصد طئہ ڪري اُنهن کي عملي جامو پهرائڻ جي.

ڪنهن بہ قوم جي زنده رهڻ جو مول آڌار آهي؛ اُن قوم جي زبان زنده رهڻ، تمدني ۽ تهذيبي روايتون قائم رهڻ.

زبان يا ٻوليءَ بابت ٽي ڳالهيون سمجهڻ ضروري آهن: پهرين، لِنگوسٽڪ آئڊنٽٽي يعني ٻوليائي سڃاڻپ؛ ٻين، لنگوسٽڪ لايلٽي يعني ٻوليءَ سان وفاداري ۽ ٽين، لنگوسٽڪ ڪامپيٽينسي يعني ٻوليائي سمرٿي.

ليک / ڊا. ڪنعيالعل ليکواڻي

ڀارت ۾ سنڌي ٻولي قائم رکڻ

سنڌي لفظ ٻُڌڻ تي ائيندي ئي اُڀري ٿي اَچي تصوير هڪ ٻهوڳڻي، روشن دماغ، حوصليمند، زنده دل اِنسان جي؛ ذهن تي تري اَچي ٿي تصوير پاڻ تي ڀاڙيندڙ پرشارٿ سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ هر حال ۾ پاڻ کي نئين ماحول ۾ نهڪائي وٺندڙ فراخ دل فرد جي؛ اُڀري اَچي ٿي تصوير هڪ رلڻي ملڻي، مهمانواز، من - محبت ۽ پريت جي پتلي جي؛ اُڀري اَچي ٿي تصوير حب-الوطن جي اَحساس سان پُڙ اوچ -نيچ جي ويڇن کان آجي هڪ سيڪيولر باشندي جي؛ اُڀري ٿي اَچي تصويروشوَ - ڪٽنب ۾ وشواس رکندڙ اَڊائي گهرن جو خير مڱندڙ سڄڻ جي؛ تصور ۾ تري ٿي اَچي تصوير هڪ اعليٰ تهذيب جي وارث جي!

ٻئي پَلِ .....

سنڌي لفظ ٻُڌڻ تي ائيندي ئي اکين اڳيان تري اَچي ٿي تصوير هڪ سياسي سازش سبب آيل جلاوطنيءَ جي شڪار شخص جي؛ صحيح رهبريءَ کان وانجهايل جذب ٿي وڃڻ جي آگاه سبب پنهنجو وجود وڃائجي وڃڻ جي ڊپ سبب معصوم لاچار ڇهري جي بي ترتيب نظام ۾ غلطفهمين ۽ حسد سبب غيرسلامتيءَ جي تاڻ ۾ بيگانيت جي مارئي جي؛ سامهون اَچي بيهي ٿو سکڻيءَ سيٺ ۽ ڏيکاوَ ۾ ڪويل، قياس جوڳي حالت ۾ رهندڙ خود کان ئي اَڻ واقف شخص؛ سنڌي ڪوٺائڻ ۾ لڄ، هبڪ ۽ ڪمتريءَ جو اَحساس ڪندڙ سنڌي !

محفلن ۾ سنڌي شعر پڙهيو ۽ ساراهيو ويندو هو. ’برهانپور کي سنڌي اؤليا‘ ڪتاب به شايع ٿي چڪو آهي. اڄ به هن شهر جي هڪ تڪ جو نالو سنڌيپرا آهي؛ هِت انيڪ اؤليا خاندان جا لوڪ رهن ٿا، پاڻ کي اؤليا ڪوٺائين ٿا، پر ڪو به پاڻ کي سنڌي نٿو ڪوٺائي ! سنچار ۽ سمپرڪ جي ناموجودگيءَ سبب هنن کان پنهنجي ٻولي ته ڇڏي ويئي؛ هو پنهنجي ٻوليائي سماج کان به ڪٽجي ويا. انڪري ٻوليائي سڃاڻپ ۽ ٻوليائي لڳاوَ سان گڏو گڏ لِنگوسٽڪ ڪامپيٽينسي يعني ٻوليائي سمرٿي هجڻ تمام ضروري آهي. هر زنده ٻوليءَ لاءِ اِهو لازمي آهي ته اُن ٻوليائي سماج جا فرد گهر ۾ ۽ سيني ’اِن گروپ ايڪٽِوٽيز‘ ۾ اُن جو استعمال ڪن. جيڪي ٻوليون اُسريل هونديون آهن اُنهن جو وهنوار ڪيتر وسيع ٿي ويندو آهي. اُهي ڳالهائڻ ٻولائڻ سان گڏو گڏ سرڪاري ڪاروبار، تعليم، ماس ميڊيا ۽ ساهت جهڙن دستوري وهنوار ڪيترن ۾ پڻ اِستعمال ڪيون وڃن ٿيون. اِن خيال کان سنڌي ڀارتي اُپ مها کنڊ جي اَهم جديد اُسريل ٻولي آهي. ان ڪري هر گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ جو پرچار ڪرڻ سان گڏو گڏ، ٻوليءَ جي دستوري وهنوار ڪيترن ۾ ان جي واڌاري لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن، تعليمدانن ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنستائن جي بانيڪارن جي سهڪار ۽ تالميل سان سنجيدگيءَ سان لئنگويج پلاننگ جي ضرورت آهي. ان لاءِ سجهاون جي لنبي لسٽ پيش ڪري سگهجي ٿي پر هت فقط ٿي اِهم سجهاوَ عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڏجن ٿا.

١. سيني سنڌي تعليمي سنستائن ۽ ٻين سنستائن ۾ سنڌي شاگردن، پلي هو ڪهڙي به ماڌيم ۾ پڙهندا هجن اُنهن لاءِ وشيه جي روپ ۾ سنڌي پاڙهڻ جو پختو بندوبست ڪيو وڃي. ان لاءِ شاگردن کي اِسڪالرشپس ڏنيون وڃن. دائمي طور ماستر مقرر ڪرايا وڃن ۽ گهربل معياري تعليمي سامگري مهيا ڪرائڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. جديد تعليمي سرشتي جو مرڪز ’شاگرد‘ مڃيو ويو آهي. هر سطح تي ننڍا وڏا پروجيڪٽ ڪٺي پنهنجي پاڙن سان جڙڻ ۽ پاڻ کي اظهارڻ جا انيڪ وجهه مهيا ڪرايا ويا آهن. ان ڪري تعليم جي

ڪو بہ شخص جنھن ٻوليائي سماج ۾ جنم وٺي ٿو تڏھن جھڙي نموني ڪيس پنھنجو نالو ملي ٿو. ساڳيءَ ريت ھن کي ورثي ۾ پنھنجي زبان بہ ملي ٿي. يڪڀاشي ماحول ۾ اُھو ٻوليائي سماج ھر وھنوار ڪيتر ۾ نج ٻولي ڪتب آڻي ٿو. پر ٻھوڀاشي ماحول ۾ ھو ضرورت موجب ٻين ٻولين جو استعمال بہ ڪري ٿو. ڪڏھن ڪڏھن مالي سياسي ۽ شان/ ڏيکاءَ جھڙن مختلف ڪارڻن سبب ٻين ٻولين جو مٿس ايترو تہ دٻاءُ پوي ٿو جو سندس اَباڻي ٻوليءَ جي واھپي جا ڪيتر گھٽجي وڃن ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ استعمال جي خيال کان ھو ان کان وانجھائجي وڃي ٿو. ان خيال کان ڀارت ۾ سنڌي سماج جو جائزو وٺڻ سان خبر پوي ٿي تہ ورھاڱي وقت ڀارت ۾ لڏي آيل نوي سيڪڙو سنڌي يڪڀاشي ھئا. ڀارت ۾ اتي ۾ لوڻ برابر ٽڙيل پکڙيل مائڪرو سڪوپڪ مائنارٽيءَ واري سنڌي قوم جا سڀ باشندا اَڄ ٻھوڀاشي بڻجي چڪا آھن. سنڌن نج ٻوليءَ جي واھپي جو دائرو ويو آھي سوڙھو ٿيندو ۽ ڪن حالتن ۾ تہ ڪيترا پوريءَ طرح پنھنجي مادري زبان جي اِستعمال کان ئي وانجھائجي ويا آھن؛ تنھن ھوندي بہ کين 'سنڌي' ڪوٺيو وڃي ٿو.

ڪنھن بہ ٻوليائي سماج لاءِ اھو ضروري آھي تہ ان جا ميمبر نج ٻوليءَ سان لڳاءُ رکن، اُن لاءِ وفاداريءَ ڀريو رخ اَپنائن. ان خيال کان ھت لڏي آيل اَسان جي پھرين پيڙھيءَ تمام ڏکيون حالتون ھوندي بہ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ قابل تعريف ڪارنامو ڪري ڏيکاريو. اَڄ نج ٻوليءَ لاءِ ساڳئي لڳاءَ، ساڳئي جذبي جي ضرورت آھي.

جيڪي ڳالھائيندڙ نج ٻوليائي سماج جا ميمبر ھوندي ۽ اُن سان لڳاءُ رکندي بہ اگر اُھا ٻولي ڳالھائڻ ڇڏي ڏين تہ اَڳتي ھلي ھو پنھنجي قوم کان ڪٽجي وڃن ٿا. ھت اِن بابت ھڪ اھم مثال ڏيڻ مناسب ٿيندو. ٽي چار صديون اڳ وڏي تعداد ۾ سنڌ کان سنڌي ڪاريگر ۽ اؤليا ھن وقت جي مڌيہ پرديش جي تاريخي شھر برھانپور ۾ اَچي وسيا. نبي بخش خان بلوچ پنھنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ' ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ھتي جي

ليک / ڊا. ڪنعيالعل ليکواڻي

جديد دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تعليمدانن جون جوابداريون

جديد دؤر ۾ گلوبلائزيشن ۽ عالمي سطح تي معلومات ٽڪنيڪ (انفارميشن ٽيڪنالاجي) جي کيتر ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين سبب ٻولين جي وهنوار کيترن ۽ سموري تعليمي سرشتي ۾ پڻ انقلابي ڦيرو اچي ويو آهي. اڄ وشين جي چونڊ ۽ پڙهڻ / پاڙهڻ جي طريقن ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ تبديل اچي ويئي آهي. پهرين جيان ڳاڻ ڳڻين روايتي وشين جي محدود ڪتابي علم بدران هاڻي شاگردن جي پسنديءَ، قابليت ۽ گهرج موجب سوين ٽڪنيڪي ۽ پيشيوراڻا (پروفيشنل) تعليمي، پروگرام وڌيڪ لوڪپريه ٿي رهيا آهن. رڳو ممبئي يونيورسٽيءَ جو ئي مثال کڻجي ته ڏسجي ٿو ته هن يونيورسٽيءَ دوران اوچ تعليم جي ڪليل سرشتي تهت جديد سنچار جي ساڌنن جو استعمال ڪندي ٢٩٦ پروگرامن ذريعي ڊپلوما، ڊگري ۽ پوسٽ گريجيوئيٽ سطح تي جدا جدا ڪورس هلايا پيا وڃن ۽ هر سال اٽڪل ساڍا ڇهه لک شاگرد اِنهن تعليمي پروگرامن جو فائدو وٺي رهيا آهن. ٻين يونيورسٽين دوران پڻ اوچ تعليم جي کيتر ۾ اِن قسم جون تمام گهڻيون سهوليتون موجود آهن. سنڌي تعليمدانن جي اها وڏي جوابداري آهي ته هو اڄ جي بدليل دؤر ۾ سنڌي شاگردن جي گهرج ۽ قوت موجب اِنهن تعليمي پروگرامن جي فائدي جا وڌ ۾ وڌ وجهه مهيا ڪرائين ۽ ان سان گڏوگڏ دستوري يا غير دستوري سطح تي هنن لاءِ سنڌي سيکارڻ جو دائمي بندوبست پڻ ڪن.

اِسڪولي سطح تي پروفيسر يشپال ڪميٽيءَ دوران تيار ڪيل آرشتريه اَيپاس ڪرم روپريکا - ٢٠٠٥ (جيڪا اين. سي. آر. ٽي.ءَ دوران اَنگريزيءَ ۽ ٻين

هر سطح تي اُنهن لاءِ ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ سان واسطو رکندڙ مکيہ پروجيڪٽن جي ياداشت تيار ڪرائي وڃي؛ ۽ اُنهن بابت معلومات ڪتابن ۾ ۽ انٽرنيٽ تان ڪٿان ملي سگهي ٿي اُن بابت اُستادن ۽ شاگردن جي رهنمائيءَ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

٢. سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ ٽرانسلٽريشن لپيانترڻ، ٽرانسليشن (ترجمي) ۽ ڪمپيوٽرائيزيشن جي کيتر ۾ رٿائتي نموني ڪم ڪيو وڃي.

٣. جديد گلوبلائزيشن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ ڀارت جي جدا جدا ننڍين وڏن سؤ ڪن شهرن ۾ سنڌي معلومات ۽ رهنمائيءَ جا سينٽر برپا ڪيا وڃن ۽ اُنهن کي انٽرنيٽ ذريعي پاڻ ۾ جوڙيو وڃي.

انهن سينٽرن جا مکيہ مقصد مڪاني شاگردن کي سندن دلچسپيءَ ۽ قابليت موجب داخلا ڏيارڻ ۽ روزگار جا وَجهہ مهيا ڪرائڻ، نج ٻوليءَ، سماجي حالت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ مهيا ڪرائڻ، پاڻ ۾ سمپرڪ قائم ڪرائڻ ۽ پنهنجي پسنديءَ موجب پروگرام تيار ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ وغيره ٿي سگهن ٿا.

اِهي سڀ ڪم سنڌي قوم لاءِ هڪ چئلينج آهن، هو ان کي اَپارچنتيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي قوَت رکن ٿا، اهڙو وشواس اٿئون.

Bld. No. F-5. Flat No. 3,
Hermes Heritage Nagar Road,
Pune - 411006

جيڪي ٻين مکيه ڀارتي ٻولين کي مليل آهن. انيڪتا ۾ ايڪتا واري هن ڀوياشي ملڪ ۾ سڀ سهوليتون موجود هونديون بہ اَسين اڃا انهن جو رٿائتي نموني وڏي پيماني تي اِستعمال ڪونہ ڪري سگهيا آهيون. ان جي سببن ۾ نہ وڃي بدليل جديد ماحول موجب حقيقت شناس بڻجي هٿ ڪي اَهڙيون رٿائون جاڙايون وڃن ٿيون جيڪي سنجيده نموني عمل ۾ آڻي سنڌي تعليم کي اوُج تي رسائي سگهجي ٿو.

ڀارت ۾ سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر ۽ اُهي بہ ٽڙيل پکڙيل هونديون بہ هنن جا پاڻ ۾ پختا پنگتي ۽ واپاري ناتا قائم آهن. ڀارت ۾ سوَ کن ننڍيون وڏيون سنڌي ڪالونيون آهن. هرهنڌ سنڌي ڌرمشالائون، نوَجوان منڊليون ۽ پئنچائتون آهن. انيڪ تهذيبي سنستائون قائم ڪيون ويون آهن. هنن هٿ ڪيترين ئي عاليشان تعليمي سنستائون برپا ڪيون آهن. دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ رهندڙ ڀارتي مول جي سنڌين جو پڻ هٿ سنڌيت قائم رکڻ ۾ قابل تعريف يوگدان رهيو آهي. گذريل ڇهن ڏهاڪن جو آزمودو پڻ ڄاڻائي ٿو تہ منجهن ٻين قومن ۾ جذب ٿي وڃڻ بدران نج علحدي سڃاڻ قائم رکڻ جو انگ سرس ئي رهيو آهي. سنڌي تعليمدانن جي اِها جوابداري بڻجي ٿي تہ سنڌيءَ جي ڀَلي گهرين جي سهڪار سان ڪي پختا دائمي عملي قدم کڻي سنڌيت جي جوت قائم رکن.

هميشه مادري زبان ۾ شروعاتي تعليم کي وڏي اهميت ڏني ويئي آهي. ان لاءِ سڀ حق ۽ وجهہ پڻ موجود آهن. ڀارت ۾ سنڌي ٿورائيءَ واري ٻولي هئڻ سبب تعليمي سرشتي جي ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي شاگردن کي مادِيم مٽڻو پوي ٿو. اگر ان لاءِ رٿائتي نموني 'برج ڪورس' تيار نٿا ڪرايا وڃن تہ شاگردن کي مادِيم مٽڻ وقت انيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. سنڌي تعليمدانن ڪڏهن بہ اِن مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي. تيزيءَ سان سنڌي مادِيم جا اسڪول بند ٿيڻ جو اهو بہ هڪ اهم سبب بڻيو آهي. خير، اَڄ جي حالت ۾ نئين سر سنڌي مادِيم جا اسڪول قائم

پارٽي ٻولين ۾ شايع ڪرائي آهي. اِن جو سنڌي ترجمو هن مقالي جي ليکڪ ڪيو آهي.) اِن ۾ جاٿايل سفارشن جي آڌار تي نئون تعليمي سرشتو سڄي ملڪ ۾ لاڳو ڪيو پيو وڃي. ان رپورٽ ۾ جدا جدا وشين جي سکيا ٻان واسطو رکندڙ انيڪ ڳالهين مان هتي ٽن اهم ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ بي جاءِ نہ ٿيندو. پهرين ڳالهہ ان نئين تعليم جو مرڪز شاگرد کي مڃيو ويو آهي. سندس ڪتابي علم زندگيءَ جي حقيقتن ۽ آسپاس جي ماحول سان جوڙڻ جي ڪوشش تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي. تعليمي سطح موجب جدا جدا پروجيڪٽن ذريعي ڪيس پاڻ کي اظهارڻ جا وڌ ۾ وڌ وجهہ مهيا ڪرائڻ جي ماسترن کي آزادي ڏني ويئي آهي. ٻين ڳالهہ اَڄ جي ضرورت موجب انگريزيءَ جي وهنواري ڄاڻ قبوليندي اُن سان گڏوگڏ مادري زبان جي تعليم جي اَهميت پڻ ڄاڻائي ويئي آهي؛ ۽ ٽين ڳالهہ تعليمي کيتر جي بندوبست ۾ پنگتي حصيداريءَ تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي ۽ اُن لاءِ انيڪ عملي رٿائون ڄاٿايون ويون آهن. اُهي رٿائون سنجيدگيءَ سان سمجهي عمل ۾ آڻي سنڌي تعليم ۽ تهذيب کي نئين سر لوڪپريہ بڻائي سگهجي ٿو.

اُن حقيقت کان اسين نٿا ناڪاري سگهون تہ مختلف ڪارڻن سبب ڀارت ۾ سنڌي تعليم جو گراف تمام تيزيءَ سان هيٺ هليو ويو آهي. سنڌيءَ جي واهپي جا ٻيا کيتر پڻ وڃن پيا سوڙها ٿيندا. اَسان کي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڀارت ۾ سنڌين جي سڃاڻپ جو واحد وسيلو نج ٻولي ئي آهي. اها اسانجي شخصيت جو اڻٽونديو حصو آهي، جنهن کي هر حال ۾ قائم رکڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ اسانجو اخلاقي فرض آهي. ان سان اسانجو وجود جڙيل آهي؛ ان ذريعي ئي اسين هت سنڌيت قائم رکي سگهون ٿا.

ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي انيڪ نفي دٻاون ۽ شفي سهوليتن سان منهان منهن ٿي رهي آهي. هڪ پاسي اَسان کي نج ٻولبائي سڃاڻپ ڪوئجي وڃڻ جو اونو ستائي پيو تہ ٻئي پاسي وري ڀارتي جوڙجڪ جي اهم تسليم شده ٻولي هئڻ سبب سنڌيءَ لاءِ اُهي سڀ حق ۽ وجهہ مؤجود آهن

سرڪار ڪري ٿي. سنڌي تعليمدانن جي اها جوابداري آهي تہ گهرجائو قابل شاگردن کي اِنهن اسڪولن ۾ داخلا لاءِ تيار ڪن ۽ جنهن درجي ۾ ڏهن کان وڌيڪ سنڌي شاگردن کي داخلا ملي، اُتي سنڌي وشيہ شروع ڪرائين.

مختلف ڪارڻن سبب وڏي تعداد ۾ سنڌي شاگردن کي اِسڪولي سطح تي پنهنجي پڙهائي اَڌ ۾ ئي ڇڏڻي ڏيڻي پوي ٿي. اَهڙا شاگرد پنهنجو ڪم ڪار ڪندي اڳتي پنهنجي پڙهائي جاري رکي سگهن، ان لاءِ ڀارت سرڪار 'نيشنل اِنسٽيٽيوٽ آف اوپن اِسڪولنگ' (www.nos.org/www.nios.ac.in) برپا ڪئي آهي. اوپن اسڪولنگ جي ڪيتر ۾ اها دنيا ۾ سڀني کان وڏي سنستا آهي. ڀارت جا لکين شاگرد پنهنجي پسند جي وشين جي چونڊ ڪري سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري تائين پنهنجي تعليم پوري ڪري رهيا آهن. سنڌي تعليمي سنستائون پلي اُهي ڪهڙي بہ ماڌيم جون هجن پنهنجي اسڪول ۾ ان سنستا جو سينٽر برپا ڪري سگهن ٿيون. ان لاءِ کين مالي مدد ۽ ٻيون سهوليتون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. وڌ ۾ وڌ سنڌي تعليمي سنستائون ان جو فائدو سنڌي شاگردن تائين پهچائي سگهن ٿيون ۽ کين سنڌي وشيہ پاڙهي سگهن ٿيون.

ساڳئي نموني اوچ تعليم لاءِ راشٽريہ سطح تي 'اندرا گانڌي اوپن يونيورسٽي' (www.ignou.ac.in) برپا ڪئي ويئي آهي. اُن سان گڏو گڏ صوبائي سطح تي پڻ انيڪ اوپن يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون آهن. مهاراشٽر ۾ ناسڪ ۾ يشونتراءِ چوهاڻ يونيورسٽي برپا ڪئي ويئي آهي. اِنهن يونيورسٽين دواران روايتي وشين جي ڪورسن سان گڏو گڏ روزگار سان واسطو رکندڙ سوين وشين جا سرٽيفڪيٽ، ڊپلوما، ايڊوانسڊ ڊپلوما، گريجيوئيٽ، پوسٽ گريجيوئيٽ ۽ پي.ايچ.ڊي. سطح تي پروگرام هلايا وڃن پيا. سنڌي تعليمي سنستائون اِنهن اوپن يونيورسٽين جا سينٽر برپا ڪري سنڌي شاگردن کي سندن پسند ۽ ضرورت جي وشين جي اوچ تعليم ڏياري روزگار جا انيڪ وجهہ مهيا ڪرائي سگهن ٿيون. اِنسان گڏو گڏ کين سنڌي سکڻ لاءِ پڻ همٿائي سگهجي ٿو.

ڪرڻ ڏکيو لڳي پيو. ان ڪري اسڪول کھڙي بہ ماڌيم جا ھجن، جتي بہ ڏھن ڪان وڌيڪ سنڌي ٻار ڪنھن درجي ۾ پڙھن ٿا، اُتي لازمي طور وشيہ جي روپ ۾ سنڌي پاڙھڻ جو بندوبست ڪرايو وڃي. اھا جوابداري رڳو تعليمدانن جي نہ پر سموريءَ سنڌي سماج جي آھي. اھو اسانجو بنيادي قانوني حق آھي ۽ اسين ان ذريعي ئي دستوري سطح تي مادري زبان سيکارڻ جو بندوبست ڪري سگھون ٿا. اِن لاءِ شاگردن کي ھمٿائڻ لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سنڌي سنسٿائن جي سھڪارسان وڌ ۾ وڌ سھوليتون مھيا ڪرائي سگھجن ٿيون. ھرسطح تي سنڌي وشيہ کڻندڙن لاءِ اِسڪالرشپ جو بندوبست ڪري سگھجي ٿو. راشٽريہ سنسڪرت سنسٿان پاران سنسڪرت وشيہ کڻندڙ ھاير سيڪنڊريءَ جي شاگرد کي سؤ روپيا، گرئجيوئيٽ سطح تي پوٹا بہ سؤ روپيا ۽ پوسٽ گرئجيوئيٽ سطح تي بہ سؤ روپيا مھنو اِسڪالرشپ ڏني وڃي ٿي. ھن وقت دھلي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ پي.ايچ.ڊي. ڪندڙ کي پنج ھزار روپيا مھنو ڏنا وڃن ٿا. ان آڌار تي سرڪاري سطح تي اين.سي.پي.ايس. ايل. ۽ صوبائي سنڌي اڪادميون پنھنجي بجيٽ جو وڏو حصو ان ڪاريہ لاءِ مقرر ڪري سگھن ٿيون. ان ڪم ۾ غير سرڪاري سنڌي سنسٿائون پڻ اڳتي اچي سگھن ٿيون. معياري تنقيد ۽ تحقيق لاءِ ڀارت سرڪار ۾ سنسڪرتي ويڀاڳ، مرڪزي ساھتيہ اڪادمي ۽ يو.جي.سي. وغيرہ فيلوشپ جو بندوبست آھي.

اِسڪولي تعليم جي ٽِہ ٻوليائي فارمولي سبب اگرڪن غير ھندي صوبن ۾ سنڌي وشيہ جي روپ ۾ کڻڻ جي سھوليت ناھي تہ ان حالت ۾ اُتي ڪمپوزٽ ڪورس جو بندوبست ڪيو ويو آھي. ان تھت سنڌي وشيہ پاڙھي سگھجي ٿي. مطلب تہ ھر حال ۾ سنڌي شاگردن لاءِ لازمي طور وشيہ جي روپ ۾ مادري زبان پاڙھڻ جو بندوبست ضرور ڪيو وڃي.

ڀارت سرڪارپاران سڄي ملڪ ۾ سوين نَوودَيہ وِدياليَہ برپا ڪرايا ويا آھن. انھن اسڪولن ۾ اينٽرينس ٽيسٽ جي آڌار تي ڇھين درجي ۾ داخلا ڏني وڃي ٿي ۽ ٻارھين درجي تائين شاگردن جي رھائش کاڌي پيتي ۽ پڙھائيءَ جو سمورو خرچ

مفت مهيا ڪرايا پيا وڃن؛ ان ڪري نيشنل ڪائونسل فار پرموشن آف اُردو لئنگويج (www.urdu-cuoncil.in) جي طرز تي سنڌي سيکارڻ سميت روزگار سان واسطو رکندڙ پروگرام هلائي سگهجن ٿا.

ڀارت ۾ سنڌين جون انيڪ تعليمي سنسٿائون هوندي به سنڌي تعليم جو گراف هڪدم هيٺ اچڻ جا مکيه سبب آهن :

(i) وقت جي تقاضا موجب تعليمي سرشتي ۾ ايندڙ تبديلين ۽ شاگردن جي حقيقي گهرجن ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ.

(ii) سنڌي تعليم جو معيار ۽ ماڌيم مٽڻ جو مسئلو.

(iii) قابل ٽرينڊ ماسترن جي ڪمي.

(iv) سنڌي اوچ تعليم، ڪوجنا ڪاريه ۽ تربيت جي پروگرامن ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ.

(v) شاگردن جي درجي ۽ ضرورت موجب معياري تعليمي سامگريءَ جي ڪمي. اگر اسين سنڌي تعليم جو واڌارو چاهيون ٿا ته اسان کي رٿائتي نموني سنجيدگيءَ سان ڪي عملي قدم ضرور کڻڻا پوندا.

هن وقت سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ به اهم ڳالهيون عمل ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. پهرين تعليمي سنسٿائن ۾ 'سنڌي تهذيبي سينٽر' برپا ڪرڻ؛ ٻين، مڪاني سطح تي هرهنڌ 'معلومات ۽ رهنمائي سينٽر' قائم ڪرڻ.

ڀارت ۾ سنڌي مئنيجمينٽ جون جيڪي به ننڍيون وڏيون تعليمي سنسٿائون آهن؛ ڀلي اُهي ڪهڙي به ماڌيم جون هجن، اُنهن ۾ 'سنڌي تهذيبي سينٽر' لازمي طور برپا ڪيو وڃي. ان سينٽر جون مکيه سرگرميون هنريت ٿي سگهن ٿيون :

(i) سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ سنسڪرتيءَ سان واسطو رکندڙ پروجيڪٽن لاءِ شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ اُن لاءِ معياري سامگري مهيا ڪرائڻ.

(ii) دستوري/غير دستوري سطح تي سنڌي سيکارڻ جا پروگرام هلائڻ.

(iii) سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ مختلف چٽاڀيٽين جو آيوجن ڪرڻ.

(iv) سنڌي شاگردن لاءِ پرسنلٽي ڊيولپمينٽ ۽ ٻال ميلا لڳائڻ.

ڪيترن سالن کان سنڌي يونيورسٽي برپا ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن پييون، پر ان ڏس ۾ ڪو به پختو قدم ڪو نه کنيو ويو آهي. سنڌي تعليمدان ۽ اڳوان مولانا آزاد نيشنل اُردو يونيورسٽي، ڊائريڪٽريٽ آف ڊسٽينس ايڊيوڪيشن، حيدرآباد - ٥٠٠٠٠٨ (جنهن جا سڄي ملڪ ۾ پنجاهه کن سينٽر هلي رهيا آهن.) جي طرز تي ساڌو واسواڻي نيشنل يونيورسٽي برپا ڪرائي، هر سنڌي ڪالونيءَ ۾ ان جو سينٽر قائم ڪرائي دائمي طور سرڪاري سطح تي سنڌيءَ جي واڌاري جون رٿائون عمل ۾ آڻي سگهن ٿا. ان سان گڏوگڏ مڌيه پرديش، ڇتيسگڙهه، اُتر پرديش ۽ مهاراشٽر جي برار خانديش ۽ مراٺواڙا جي يونيورسٽين ۾ سنڌي ويڀاڳ برپا ڪرائڻ گهرجن، جئن ڪاليجي سطح تي وشيه جي روپ ۾ سنڌي پڙهڻ جو شاگردن کي وجهه ملي سگهي ۽ ڪين سنڌي تعليم لاءِ گهربل روزگار لاءِ پيپر ڪواليفڪيشن هجي. سنڌي ٻوليءَ، تهذيب ۽ ادب جي ڦهلاءَ، کوجنا ڪارج ۽ تربيت جا پروگرام دائمي طور سرڪاري سطح تي جاري رکڻ لاءِ سنڌي شخص/ سنستائن جي مالي مدد سان چونڊ يونيورسٽين ۾ 'خاص چيئرس' پڻ برپا ڪرائي سگهجن ٿيون.

اَڄڪلهه سرڪاري سطح تي انيڪ قسمن جي غير دستوري تعليم (نان فارمل ايڊيوڪيشن) جي پروگرامن تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا پيا وڃن. انيڪ سنستائون اُنهن جو پورو فائدو وٺي رهيون آهن. سنڌي سنستائن اَڃا ان جو پورو فائدو سنڌي شاگردن تائين ڪو نه پهچايو آهي. سنڌي سنستائون اين.سي.پي.ايس.ايل. سينٽرل اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊين لئنگويجز مئسور، سي. ڊيڪ، صوبائي سنڌي اڪادمين ۽ ٻين سرڪاري سنستائن جي سهڪار سان انيڪ پروگرام لڳارائي غير دستوري تعليم جي پروگرامن جو فائدو سنڌين تائين پهچائي سگهن ٿيون.

جديد زمانو ڪمپيوٽر جو زمانو آهي. ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورس ڪافي لوڪپريه ٿي رهيا آهن. تازو سنچار ۽ معلومات تڪنيڪ منتراليه ڀارت سرڪار دواران سنڌي سافٽ ويئر ساڌن (www.ildc.in/ www.ildc.govn .in) تي

(iii) سرڪاري / غيرسرڪاري جنهن به اِسڪول يا ڪاليج ۾ جنهن درجي ۾ ڏهن کان وڌيڪ شاگرد هجن، اُتي لازمي طور سنڌي وشيه شروع ڪرائڻ.

(iv) غير دستوري سطح تي سنڌيءَ جا ڪلاس هلائڻ.

(v) غريب قابل شاگرد کي نَوودَيَه ودياليه جي داخلا امتحانن ۾ وهارڻ.

(vi) اَڌ ۾ پڙهائي ڇڏي ڏنل شاگردن کي اوپن اسڪول ۽ اوپن يونيورسٽيءَ جي ڪورسن ۾ داخلا وٺارائي ڏيڻ.

(vii) سنڌي شاگردن کي سرڪاري / غيرسرڪاري وظيفا وٺارائي ڏيڻ.

(viii) قابل شاگردن جي اوچ تعليم جي جوابداري کڻڻ.

(ix) شاگردن جي معيار ۽ دلچسپيءَ موجب معلوماتي ساهت شايع ڪرائڻ.

(x) وڏن شهرن ۾ سنڌي شاگردن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪرڻ.

(xi) پنگتي سنستائن (ڌرمي سنستائن سميت) جي سهڪار سان سنڌي تعليم کي همٿائڻ.

(xii) سنڌي شاگرد جيڪي پنهنجي پڙهائي پوري ڪن ٿا، اُنهن لاءِ ڪئمپس اِنٽرويو رکائڻ.

اِن قسم جا بيا به ڪيترائي ڪاربه آهن جيڪي پنگتي حصيداريءَ سان عمل ۾ آڻي سگهجن ٿا. ان سان صحيح معنيٰ ۾ نه رڳو سنڌيءَ جو واڌارو ٿيندو. پر هزارين سنڌين کي سڌي يا اڻسڌي نموني روزگار به ملندو.

Bld. No. F-5. Flat No. 3,
Hermes Heritage Nagar Road,
Pune - 411006

(v) تعليمي سنسٿائن جي سانسڪرتڪ پروگرامن ۾ سنڌي اسم شامل ڪرڻ.

(vi) اسڪول / ڪاليج جي مخزنن ۽ وال پيپرن ذريعي سنڌيءَ / ٻين ٻولين ۾ سنڌيت بابت معياري ليک شايع ڪرڻ.

(vii) سنڌي شخصيتن ۽ تهذيبي آستانن جي تصويرن سميت چارٽ ڏيڻ.

(viii) سنڌي اديبن ۽ ٻين شخصيتن سان ملاقاتون رکائڻ.

اِنهن تهذيبي مرڪزن ذريعي ٻيا بہ انيڪ پروگرام لڳائي سگهجن ٿا. انهن ڪارين لاءِ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ ٻين وڏين لائبررين جي مدد وٺي سگهجي ٿي. ان لاءِ گهربل ڪئسيٽن، ڪتابن ۽ ٻيءَ سامگريءَ لاءِ انٽرنيٽ جو وڏ ۾ وڏ فائدو وٺي سگهجي ٿو.

جديد دؤر ۾ اِنٽرنيٽ جي سهوليت سڄي دنيا کي ويجهو آڻي هڪ ڪٽنب بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ ڪنهن بہ کيتر ۾ اگرواڌارو ڪرڻو آهي تہ 'سوچيو عالمي سطح تي، ڪم ڪريو مڪاني سطح تي. (ٿنڪ گلوبلي، ورڪ لوڪلي)' اصول عمل ۾ آڻڻو پوندو. سنڌيءَ جي واڌاري جي جوابداري رڳو تعليمدانن تي ناهي، سموريءَ سماج تي آهي. سنڌين کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ ۾ مدد لاءِ هرهنڌ جتي سنڌي رهن ٿا، اُتي مڪاني سطح تي 'معلومات ۽ مارگدرشن سينٽر' برپا ڪري انٽرنيٽ ذريعي ان قسم جي ٻين سينٽرن سان جوڙيو وڃي؛ ۽ ان کي لڳاتار اَپڊيٽ ڪندو رهجي. ان سينٽر ذريعي هيٺ ڄاڻايل ڪاريہ ڪري سگهجن ٿا.

(i) پنهنجي شهر جي سنڌي شاگردن جا درجيواد انگ اکر ڪٺا ڪري سندن قابليت ۽ دلچسپيءَ موجب کين اوچ تعليم لاءِ داخلا وٺرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ. خاص طور سنڌي تعليمي سنسٿائن ۾ پنجاهہ سيڪڙو داخلا جو صحيح معنيٰ ۾ فائدو وٺرائي ڏيڻ.

(ii) روايتي ڪورسن جي علاوه فائين آرٽ، نرتيہ ۽ ناٽڪ اَڪادمين، فلم انسٽيٽيوٽ وغيره جي جدا جدا ڪورسن ۾ داخلا وٺرائي ڏيڻ ۽ اُن بعد کين سنڌيءَ سان جوڙڻ.


ڳهر به ٺاهوڪو ناهي ورتائين. برادريءَ جا ماڻهو ته سال ۾ ٻه مهينا اَچي پنهنجي ڳوٺ رهندا هئا باقي سڄو سال پنندا رلندا وتندا هئا. رومال هڪڙو ئي هو جو سڄو سال پنهنجي پڇاڙو شهر جي پرسان آيل ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن ڪڙميءَ جي زمين ۾ ڀاڱيداريءَ ۾ کيتي ڪندو هو. شام جو ٿوري وقت لاءِ ڳوٺ جي ماستر جي گهر وچي ٽيم پاس ڪري ايندو هو. ماستر به هن جي هلت چلت کي ڏسي هن کان متاثر هو ۽ کيس مهل ڪمهل مدد ڪندو رهندو هو.

....

’خدا خير ڪري، شل ٻچا ٻچني ٻائي اَمان. شال حاجياڻي ٿئين، امان ڏي فقير کي اٽي چپٽي خيرات ۾ ڏي. فقير کائي خوش ٿي دعا ڏيندو اَمان.‘ اهو هن برادريءَ جو ڏنڌو آهي. اهين هر ڪنهن گهر اڳيان بيهي سئين هڻندا آهن ته گهر جي ڪا ٻيڏڙي يا ڪو ٻارڙو پيالي ۾ اٽي چپٽي وجهي سندن ڳوتريءَ ۾ وجهي ڏيندو آهي. وري سائين ئي ٻولن سان ٻئي در جا مهمان. ها ڪو هندن جو گهر هوندو آهي ته اتي ان طرح جا ٻول ٻوليندا آهن. سڄو ڳوٺ پِنن مان ڪيندا آهن ۽ پنڻ تي ئي هنن جي گهر جو گاڏو هلندو آهي.

سيني ڏرمن، سماجن ۾ پنڻ کي انتهائي برو سمجهيو ويندو آهي ۽ پنندو اهو آهي جيڪو صفا لاوارث يا لاچار هجي. پنندڙن کان هرڪو پاسو ڪندو آهي. کين حقارت جي نظر سان ڏسبو آهي. پر هن سماج ۾ ته پنڻ کي پيشو يا فن سمجهيو ويندو آهي. جيڪو جيترو وڌيڪ پنڻ ۾ مهارت رکي ٿو اهو اوترو ئي مٿانهون آهي. هن جي اوتري وڌيڪ عزت آهي. هن کي ننڍڙي پرڻائڻ لاءِ سيکو آتو هوندو آهي.

رومال ناٿ به هن ئي سماج ۾ الاجي ڪنهن ڳوٺ جي سيم ۾ ڪڙي کيل ڪنهن وانڍ ۾ اک کولي. ٽن چئين مهينن جو ٿيو ته ماڻس کيس جهوليءَ ۾ وجهي پنڻ تي لتڪائي پنڻ لاءِ نڪري پوندي هئي. جتي روئندو هو اتي کيس ٻبو ڏارائي وري جهوليءَ ۾ وجهي ٻئي گهر ٻئي در نڪري پوندي هئي. جيئن ئي هو پنجن سالن کن جو ٿيو ته ماڻس هن لاءِ به هڪڙي ننڍڙي



ڪهاڻي چٽاپيٽيءَ جي پهريون نمبر ڪهاڻي

ڪلاڌر مُتوا (ٻني - ڪڇ)

پاسِ ڪَ ناپاس

'ها ها ..... چوي ٿو نوڪري ڪندس، پرڻندس ڪونہ. بڪ مرندو بڪ!' هڪڙي چيو.

'ڪير ڏيندس پنهنجي نياڻي، ڪنوارو ئي رهجي ويندو. هل پاڻ تہ هلون. دير پئي ٿي ٿئي. ٻہ چار ڳوٺ گهمڻا آهن.'

ٻئي سويل اُٿي ٻڪريءَ جي ڪيرواري چانهہ جو ڍڪ پي جهوليون ڪانواٽيءَ ۾ لٽڪائي پنڻ لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا ۽ رومال نات جيڪو هنن جي برادريءَ جو هو ان کي نوڪريءَ تي ويندو ڏسي تنقيد بہ ڪري رهيا هئا. ٻنهي جي ڪانواٽيءَ ۾ هيڊي رنگ جون جهوليون هيون جنهن ۾ هڪڙي پاسي نانگ واري ڍڪيل ڪاري، مرلي ۽ ڪجهہ هٿ چالاڪيءَ جي کيل ۾ ڪتب ايندڙ شيون پيل هيون. ٻئي پاسي اٽو رکڻ واري وڏي ڳوٿري ۽ ڪستو پيل هئا. هينئر ٻئي گڏ نڪتا هئا پر ڳوٺ ايندي هڪڙو ڳوٺ جي هڪڙي چيڙي مان داخل ٿيندو تہ ٻيو ٻئي پاسي کان.

رومال نات جي هٿ ۽ حق جو پورهيو ڪري کائڻ واري رويي کي ڏسي سندس برادريءَ مان ڪو بہ هن سان سنئين منهن نہ ڳالهائيندو هو. ڪنهن بہ ڪيس سڱ نہ ڏنو تہ هو ٻي برادريءَ مان شادي ڪري آيو. جنهن جي ڪري هرروز هن کي طرح طرح جا طعنا تنڪا سهڻا پوندا هئا. پر هاڻي رومال نات کي بہ جڻ هيرپئجي ويئي هئي هو ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي من مگن رهندو هو. شادي تي تنهن کي ٻارهن مهينا ٿي ويا هئا هاڻي هڪڙو پٽ بہ هئس. ڳوٺ ۾ پنهنجي برادريءَ جي ٻين ماڻهن کان ٿورو سکي بہ هو،

معنيٰ ڪرڻ هو نہ ڪ سڌرڻ. جنهن تي ماسترڪي ڪِل ايندي هئي. ’پڙهڻ سان ماڻهو ڪرندو آهي يا پنڻ سان؟‘ چئي ڪين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

’اَبا رومال پڙهي هرويرو ڇو تو ڪتاب ڪارا ڪرين؟ پڙهڻ مان ڇا ملندءِ؟ اَسان جو ڪير پڙهيو آهي جو تون پڙهڻ تو چاهين.‘ ماڻس جڏهن بہ هن جي هٿ ۾ پڙهڻ واريون شيون ڏسندي هئي تہ اهو جملو ورجائيندي هئي. جنهن کي رومال نات مانڙي ڪري ٻڌي وٺندو هو، ڪو بہ جواب ڪونہ ڏيندو هو. ماڻس کي اهو فڪر هو تہ رومال هن ئي رمز ۾ رهيو تہ ڪيس ڪو ڪنوار بہ ڪونہ ڏيندو ۽ هو ڪنوارو رهجي ويندو. هر ماءُ جيان رومال جي ماءُ کي بہ پٽ جا سات سوڻ ڏسڻ جا اَرمان هيا. هوءَ پٽ تي ساهہ پساهہ ڏيندي هئي. پٽ کي ڏاجي ۾ ڏيڻ لاءِ سندن رواج موجب هڪ پَلي ڳڏهہ، هڪ تازي ڪتو، هيڊي رنگ جون بہ جهوليون، ۽ لڪڻ جهڙيون شيون تيار ڪري رکيون هيون. صرف نانگ جهلي اَچڻ باقي هو. اهو بہ تہ شاديءَ وارا ڏينهن طئہ ٿيڻ تي پڪڙي اچڻ جي پٽس جي تياري هئي.

ڳڏهن تان لڏون لاهي هنن هڪڙي پاسي رکيون. ٻارن ۽ ڪڪڙن کي بہ جيئن ئي ڳڏهن تان لاٿو ويو تہ آسي پاسي ۾ گهمڻ لڳا ۽ ڳڏهہ بہ هلڪا ٿي ڪک ڪانا چرڻ لڳا. زالن پٽ ٻهارڻ شروع ڪيو تہ مرد کهاڙيون کڻي ڪانيءَ قانگا وڍڻ لاءِ هيڏي هوڏي وڻن ۾ واجهائڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي تہ ڳوٺ کان بہ ٽي ڪلوميٽر پري سيم ۾ ڪچين پونگين جي نگري تيار ٿي وئي. اها هنن جي هميشه جي ڪرت آهي. جتي بہ ويندا آهن ائين ئي وانڊ تيار ڪري وٺندا آهن. مهينو پندرهن ڏينهن اتي رهي آسي پاسي واري ڳوٺن مان پنندا آهن، ۽ ڪائيندا آهن. وري لڏون ڳڏهن تي لڏي ٻئي ماڳ هليا ويندا آهن. اڄ هِتي تہ سڀاڻي هُتي. سڄو ڪڇ، سڄو گجرات گهمندا آهن.

....

’پٽ ڏاهو ٿجانءِ ڏنگائي نہ ڪج. دل ڏيئي ڏاهي پنج. ۽ پنهنجي ٿيڻ واري سهري کي خوش ڪري ڇڏج تہ جيئن هو پنهنجي نياڻيءَ جو هٿ تنهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي. نہ تہ زندگي ڀر ڪنوارو رهجي ويندين.‘ ماڻس کيس سکيا ڏيندي چيو. جنهن جو رومال کو بہ جواب ڪونہ ڏنو.

اهڙي جهولي سبي ورتي. 'ابا پنڻ سکندين تہ سکيو ڏيندين. ٻارن کي بہ مانيءَ ڳيو ڪارائي سگهندين.' چوندي ماڻس ڪيس جهولي هٿ ۾ ڏيئي ڪڏهن پاڻ سان گڏ وٺي ويندي هئي تہ ڪڏهن پٽس سان گڏ موڪلي ڇڏيندي هئي.

پر اَلاجي رومال تہ ڪهڙيءَ مٽيءَ جو ٺهيل هو جو هن کي پنڻ ۾ ڪڏهن بہ مزو نہ ايندو هو. هو مائٽن جي دٻپ جي ڪري جهولي کڻي پنڻ لاءِ نڪري تہ ويندو هو پر هن جو من انهيءَ ڪم ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ لڳو. هو هميشہ ڪجهہ نئون سوچيندو رهندو هو. هن کي پنهنجي لاوادي سماج جي اها پنڻ واري خصلت پسند نہ هئي. هو ڪمائي ڪري محنت جو کائڻ ۾ مڃيندو هو. هن کي اهو رولو ۽ پٽڪندڙ جيون بنهہ پسند نہ هو. نہ هو مرلي وڄائڻ سکيو نہ نانگ پالڻ ۽ نہ ئي هٿ چالاڪيءَ وارو کيل. هن پڙهڻ چاهيو ٿي ۽ پڙهي ڪري ڪا نوڪري يا ڪو ڌنڌو ڪرڻ چاهيو ٿي. پر ڪن مجبورين جي ڪري ۽ مائٽن جو سهڪار نہ ملڻ جي ڪري هو ائين نہ ڪري سگهيو. هو ان بابت جڏهن بہ دوستن سان ڳالهائيندو هو تہ هو مٽائس مشڪريون ڪندا هئا. هن بغاوت ڪرڻ چاهي پر نہ ڪري سگهيو. من ڪونہ مڃيندو هوس تنهن جي باوجود بہ جهولي کڻي پنڻ نڪري پوندو هو. جيڪو ڪجهہ ملندو هو اهو پونگيءَ جي ڪنڊ ۾ اڇلائي ماني ٽڪي کائي لٽل منهن سان سمهي پوندو هو.

هو جنهن بہ ڳوٺ ۾ داخل ٿيندو هو پهرين وڃي اسڪول ڳولهيندو هو ۽ اسڪول جي آسي پاسي وارن گهرن مان يا اسڪول اڳيان لنگهندڙ ماڻهن کان سوال ڪندو هو. هن کي هڪ جيڏا اسڪولي ٻار ڏيا وڻندا هئا. هو هنن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪڏهن انهن ٻارن کان بہ سٺي موٽ ملندي هئس. هن هڪ ڏينهن وجهہ وٺي هڪ ٻار کان جهوني سليٽ گهري ورتي، تہ ٻئي ٻار ڪيس بنا گهرڻ جي ڪلڪ بہ ڏيئي ڇڏي تہ ڪن وري ڪتاب ڪاپي ڏني. اهي شيون هو هميشہ پاڻ سان سنڀالي رکندو هو. جڏهن بہ جتي بہ واندڪائي ملندي هئي تہ ويهي انگ، اکر لکڻ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو. اسڪول جي ماسترهن جي انهيءَ شوق کي ڏسي همٿايو تہ سندس مائٽ ناراض ٿي پيا. چوڻ لڳا تہ 'صاحب توهان اسان جي ٻارڪي پاڙهي چو ٽا ڪاريو؟' هنن جي نظرم پڙهڻ

هئي ۽ من ئي من ۾ واڇري ڏاڏي کي من جون مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ ٻاڏائيندي پئي هئي. رومال ناٿ کي ٻه جيسين هن جو ديدار نه ٿيندو هو تيسين روپان جي پونگي جي آسي پاسي بيهي جيڪو ملندو هو تنهن سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو.

آخر ڇهه مهينا پورا ٿيا. رومال ۽ روپان جي سڱ جو فيصلو ٿيڻو هو. اڄ امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ ڇهه مهينا ڪيل محنت جي نتيجي اچڻ جو ڏينهن هو. رومال ۽ سندس ماءُ پيءُ کي سٺو نتيجو اچڻ جي نه صرف اميد بلڪ پڪ هئي شام ٿيندي ئي رومال جي ماءُ سامهون وارن وٽ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون. سويل ماني پچائي برادريءَ مان آيل ٻن ڄڻن مڙسن کي ڪارائي پاڻ به ڪاڏي ته سامهون وارن به ٻن ماڻهن کي گهرائي رکيو هو. ماستر صاحب کي به رومال چئي ڇڏيو هو، هو به اچي ويو هو. ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان پوءِ ٻنهي ڌرين جي ڪپڙن تي رنگ جا ڇنڊا نظر آيا ته معنيٰ ڳالهه پڪي. انهيءَ رسم لاءِ رومال جو پيءُ شهر جي بازار مان گلابي رنگ به وٺي آيو هو.

اونده رات هئي. مٿان تارا ٽم ٽم نظرن سان واڇري ڏاڏي جي ڏيوريءَ ۾ ٻرندڙ ڏيئي ڏي ڏسي رهيا هئا. اکيان اوٺي تي ڇمنيءَ جي سهائي ۾ سيئي اَچي وينا.

’ادا، توهان رومال جي ڳڻن اوڳڻن جي جانچ پرک ڪئي آهي. اسان به پنهنجي ليکي ڪئي آهي. رومال سٺو ۽ سلڇڻو ڇوڪرو آهي. پنڌ ۾ به مهارت رکي ٿو. اسان اڄ سڱ واري ڳالهه پڪي ڪرڻ لاءِ آيا آهيون.‘ هنن مان هڪڙي خاموشي ٽوڙيندي چيو.

’ها، ادا، توهان جي نياڻي به خيرن سان هاڻي اَچي ساماڻي آهي. ڏيءُ ڏڻ آخر مائٽن وٽ ڪيترا ڏينهن؟ نيٺ پرائي گهر وڃڻو اَٿس. شادي پلي سال رکي پوءِ ڪري ڏجو پر ڳالهه اڄ ڪٺي جي ڳنڍ جهڙي پڪي ٿي وڃي ته سٺو.‘ سامهون وارن مان ٻئي جڻي چيو.

ٿوري دير لاءِ بلڪل چپ چانيل رهي. رومال جي ماءُ دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهي هئي. چو ته خاموشي به رضامنديءَ جي نشاني هوندي آهي.

هن جو سچو ڪتنب پرمار فقيرن واري برادريءَ سان گڏجي هٿ پنڻ لاءِ آيو هو. رواج مطابق رشتو پنهنجي برادريءَ ۾ نہ ٿيندو آهي. ٻيءَ برادريءَ ۾ ڪرڻو پوندو آهي. رومال جي رشتي جي ڳالهہ هن برادريءَ جي هڪ ماڻهوءَ سان هلي هئي. سڱ طئہ ڪرڻ کان اڳ ڇوڪري کي ڇهہ مهينا يا سال ڪن پنهنجي ٽيڻ واري سهري جي سماج سان گڏ هلڻو پوندو آهي ۽ سهري لاءِ پنڻو پوندو آهي. جيڪو ڪجهہ پنبو آهي اهو شام جو سهري جي گهر ڏيئي اچڻو پوندو آهي. سهرو، ٽيڻ واري نانيءَ جي پنڻ واري سگهہ کي چڪاسيندو آهي ۽ ڳوٺن ۾ پنندي هلندي نانيءَ تي نظر رکندو آهي تہ ناني ڪيئن ٿو پني، کهڙا ٻول ٻولي سامهون واري کي خوش ٿو ڪري وغيره. هر روز شام جو ناني گهڻو پني آيو آهي تنهن جي خبرچار لهندو آهي.

رومال نہ چاهيندي بہ شاديءَ جي لالچ کان وڌيڪ ماءُ جو من رکڻ لاءِ روز پنڻ نڪري ويندو هو. ماڻس بہ صبح سانجهي سندس ڪاميابيءَ لاءِ دعائون ڪندي رهندي هئي. جيڪو ڪجهہ ملندو هو اهو شام جو سهري جي پونگيءَ تي پهچائي ايندو هو. پنڻ هن جي ضمير ۾ ڪونہ هو انهيءَ ڪري ڪيس پنڻ ۾ شرم ايندو هو.

’جوان جماڻ، متو متارو ٿيو آهين. ڌنڌو ڪري وڃي ڪاءُ. پنندي لڄ ڪونہ ٿي ٿئيو.‘

جڏهن ڪو طعنو هڻندو هو تہ رومال جو منهن ٽامڻي هڻي ويندو هو. گهڙيءَ کن لاءِ ٿيندو هئس تہ ڪستو ڪانواٽي اڇلائي وڃي سهري جي ٻوٽ ۾ هڻيس ۽ سڱ تان هٿ کڻي ڇڏي. پر وري بہ جيجل ماءُ جو خيال ايندي هن جي ارمانن جي باري ۾ سوچيندي هو صبر ڪري پاڻ تي ضابطو آڻي ڇڏيندو هو. ۽ وري روپان جو ڪلنڌڙ چهرو بہ ياد ايندو هئس تہ ڪن پل لاءِ ماڻهن جي ملامت کي پاسيرو ڪري سٺي نموني پنڻ جي ڪوشش ڪندو هو تان تہ سهري کي خوش ڪري روپان جي ٻانهن وٺي سگهي. روپان بہ هن تي اکن ڇڪن هئي. شام جو جڏهن هو اٽي واري ڳوٿري سهري جي گهر جي ٻنيي اڳيان ڇڏڻ ايندو هو تہ روپان پونگيءَ جي وٽين مان هن جو ديدار ڪري خوش پئي ٿيندي



کھاڻي چٽاپيٽيءَ جي ٻيون نمبر کھاڻي

بنسي خوبچنداڻي

خوف

ڪشور ڪانئس ڇڱو اڳتي نڪري ويو آهي ۽ هو پنيان بہ نٿو نهاري. ها، ڪيس بہ تہ خوف هوندو!

هاڻي سُنيل کي لڳي ٿو تہ هو ڪناري تائين نہ پهچي سگهندو. هن ڪيترا ڀيرا دوستن کي چيو هو تہ کيس موت جو ڊپ ڪونهي. پر ڇا اِهو سچ آهي؟ هاڻي جڏهن سمنڊ جو پاڻي کيس موت ڏانهن گھليندو ٿو وڃي تہ ڪيس پنھنجا اکر کوکلا ٿا لڳن!

اَڄ هو پنھنجي آفيس جي ساٿين سان ممبئيءَ کان ۱۰۰ ڪلوميٽر پري هن سمنڊ جي ڪناري تي پڪنڪ منائڻ آيو آهي. سڄو ڏينهن ڪيترو نہ خوشيءَ ۾ گذريو. ممبئيءَ کان بس جو سفرڻن ڪلاڪن جو هو. پر اُهي ٽي ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا کين خبر ئي نہ پيئي. سڄو وقت بس ۾ انتاڪشري ڪندا آيا. وچ وچ ۾ چرچا بہ ڪيائون، تہ ڪن ساٿين جي ٽنگ کيچيائون. سُنيل هن پڪنڪ تي اڪيلو ئي آيو آهي جو سندس زال ۽ پٽ تہ اَجمير سندس ساهرن ۾ ويل آهن. پڪنڪ جي جڳهہ تي پهچڻ کانپوءِ ڏوم مچيل هئي. ماني کائڻ کان پوءِ هنن Housie راند بہ کئي، جنهن ۾ کيس ٻيون نمبر انعام بہ مليو.

پر ايتري خوشيءَ ۾ هو راضي ڇو نہ رهيو؟ ڇو هنکي پنوري لڳي تہ هو سمنڊ جي ڪناري کان اڌ ڪلوميٽر پري هن جابلو ٻيٽ تي اَچي؟ کيس

’ها، مون جانچ ڪئي آهي. ڇوڪرو في الحال تہ سنو پني اَچي ٿو، ڏيءَ کي ڪارائي سگهندو بک ڪونہ ماريندو. پر مونکي شڪ آهي تہ ڪن ماڻهن جي سنگت جي ڪري هن جو هنيون هميشه پنهنجي هٿ سان ڪمائي کائڻ طرف ڌنگيو پيو آهي. جيڪا ڳالهہ اسان کي پسند ڪونهي. معاف ڪجو اسان اهڙي ڇوڪري کي پنهنجي نياڻيءَ جو هٿ سونپي نٿا سگهون، جيڪو سياڻي پنڻ ڇڏي پورهيو ڪرڻ لڳي. اَڳتي هلي اسان جي ڏيءَ ڏکي ٿئي اَهڙو اسان پاپ ڪرڻ نٿا چاهيون.‘ چوندي روپان جو پيءُ ماستر سامهون ڪارن پيري نظرن سان نهاريندو پنهنجي ڌوتي ڇنڊي اٿي هلي نڪتو.

چوطرف جڻ وڄ ڪڙڪي پئي هئي، خاموشي ڇانئجي ويئي. رومال جي ماءُ پيءُ کي ڪهجي تہ رت نہ نڪري. هو اکيون جهڪائي پٽ ڪوٽيندا رهيا. هنن جا اَرمان مٽيءَ ۾ ملي ويا. ڪنهن بہ اپيل يا دليل ڪرڻ جي سگهہ نہ ساري.

’ڪا ڳالهہ ڪانهي. سڱ نہ ٿيو تہ ڇتو اَٿو امان بابا هلو، اسان کي نياڻيون ڪوڙ‘ چئي رومال اُٿي ڪڙو ٿيو. هن جي منهن تي هڪ الڳ طرح جو ڀاو هئو. جنهن مان هن جي ارادن جي جهلڪ صاف پسجي رهي هئي.

’تون پنهنجي سهري ۽ سماج جي نظرن ۾ پلي ناپاس ٿيو آهين. پر رومال، تون پنهنجي امتحان ۾ پاس آهين. تو سهري کي راضي ڪرڻ لاءِ وسان ڪونہ گهٽايو. تو نہ چاهيندي بہ پنيو. هاڻي تو تي هن سماج جي ڪابہ ميار نہ رهندي. هاڻي تون آزاد آهين.‘ چوندي ماستر اُٿي رومال جي پٺي ٺپري. ’توهان دل نہ لاهيو واڇرو ڏاڏو سڀ موچاري ڪندو.‘ چئي سندس مائٽن کي بہ آٿت ڏنو.

رومال ’ڪبهي خوشي ڪبهي غم‘ واري بڏتر جهڙي حالت ۾ مائٽن ۽ ماسترن سامهون هڪ ٽڪ ڏسندو رهيو.

Post Ghorewari,
Dist. Kuch - Bhuj - 370510
email : bannisindhu@rediffmail.com
Mobil No. 09427201093

سندس هٿ ڇڏايو ۽ ٽڪڙو سمنڊ ۾ اڳيان هلندو ويو اُها ڪيس خبر به نه پيئي. ڪيس خبر هئي ته بس من جي خوف جي ! پڪنڪ وارو ڪنارو ته سامهون ڏسڻ ۾ ٿو اَچي، پر ڪناري تي ڪو ساٿي ڇو نه ٿو ڏسڻ ۾ اَچي؟

ڇا ساٿين کين وساري ڇڏيو آهي؟ هو ته پنهنجي موج مستيءَ ۾ پورا هوندا ۽ هو ٻئي خوف سان مقابلو ڪري رهيا آهن !

وچ سمنڊ ۾ خوف سان گهيريل هوندي به سُنيل جي دماغ ۾ سندس زندگيءَ جا ڪي واقعا ڦرڻ تا لڳن !

ڏه سال اڳ جڏهن سندس ماءُ بيمار ٿي پيئي هئي ته ڊاڪٽر ڪيس چيو هو ته هو ماءُ کي اِسپتال ۾ ڀرتي ڪرائي. اُن وقت هُن وٽ ايترا پيسا ڪونه هئا. هو پنهنجي ڪنهن دوست کان قرض وٺڻ جي به همت نه ڪري سگهيو. آفيس مان Provident Fund مان قرض وٺڻ ۾ ڪيس ٽي ڏينهن لڳي ويا. اُنهن ٽن ڏينهن ۾ سندس ماءُ جي حالت پوٽي پوندي ويئي. جڏهن ڪيس آفيس مان پيسا مليا ته هو اَڌ ڏينهن جي موڪل وٺي، ماءُ کي اِسپتال ۾ ڀرتي ڪرائڻ لاءِ گهر جلد آيو ۽ ماءُ کي ٻڌائڻ لڳو ته ڪيس پيسا ملي ويا آهن هو هاڻي ئي ڪيس اِسپتال ۾ ڀرتي ڪرائيندو. پر سندس ماءُ ته پوين پساهن تي هئي. سندس ماءُ هلڪو مشڪيو ۽ پٽ کي پاڻ وٽ سڏيائين. هو پنهنجي ماءُ جو هٿ پڪڙي، ٻئي هٿ سان سندس نرڙ تي هٿ گهمائڻ لڳو. اِئين هٿڙا گهمائيندي گهمائيندي سندس ماءُ ڊُرڪي ويئي ۽ ڪيس اڪيلو ڇڏي وڃي سائينءَ جي گهر پهتي!

ڇا هاڻي ڪيس سندس ماءُ سڏي رهي آهي؟ سمنڊ جي مٿان ڪيس ماءُ جو ڏنڌلو چهرو ڏسڻ ۾ آيو. هو ماءُ جي ڏنڌلي چهري ڏانهن نهاريندي ٻاڏائڻ لڳو. امڙ مونکي معاف ڪر! بابا ته مونکي ٽن سالن جي عمر ۾ ئي ڇڏي ويو. تو مونکي ننڍي مان وڏو ڪرڻ لاءِ ڪيتريون تڪليفون سٺيون هونديون. ڪيترا قرض ڪنيا هوندا! ۽ مان تنهنجي بيماريءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن کان قرض به نه وٺي سگهيس ! امڙ مونکي معاف ڪر!

ڪنهن دوست ٻڌايو هو تہ هن ٻيٽ تي هڪ پراڻو قلعو بہ آهي ۽ اُتي وڃڻ لاءِ سمنڊ جو پاڻي لتاڙي وڃڻو پوندو آهي. هن سنسان ٻيٽ تي ماڻهو تہ ايڪڙ ٻيڪڙ آهن پر پکي جام آهن. هن کي پکين سان ڏاڍو لڳاءُ آهي ۽ پکين جي آوازن سان اچا بہ وڌيڪ! سامهون ٻيا بہ ڪي ماڻهو ٻيٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا جو اُن وقت سمنڊ جو پاڻي گهٽ هو. هو پنهنجي دوست ڪشور کي مڃائي ٿو وٺي ۽ هو ٻئي سمنڊ جو پاڻي لتاڙي سولائيءَ سان ٻيٽ تي پهچي وڃن ٿا. اُن وقت شام جا ساڍا ٽي ٿيا هوندا ۽ هن وقت شام جا پنج ٿيڻ تي آهن.

ٻيٽ تي پهچڻ کان پوءِ سندس دوست ڪشور تہ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ئي سندس مٿو کائڻ شروع ڪيو تہ هل يار، هاڻي پنهنجي ساٿين وٽ واپس هلون. بس بہ تہ ساڍي پنجين بجي ممبئيءَ لاءِ واپس هلڻ واري آهي! پر هو پنهنجي دوست کي 'ٿورو وقت اچا ترس، ٿورو وقت اچا ترس' ڪري مڃائيندو رهيو ۽ ٻيٽ جا چڪر هڻندو رهيو. ڪشور جي چهري تي چنتا جون ريکائون وڌڻ لڳيون. نيٺ غصي ۾ اَچي هن سُنيل جو هٿ پڪڙي ڪيس ٻيٽ جي ڪناري تي آندو. اُن وقت سمنڊ ۾ ٻيو ڪو بہ ماڻهو نہ پيو ڏسجي.

پر هي ڇا؟ ٿوري وقت ۾ ئي سمنڊ جو پاڻي گهڻو وڌي ويو هو. هي سمنڊ جو پاڻي ڪٿان وڌندو ٿو اَچي؟ ڪناري تي ڪي ٻيڙيءَ وارا پنهنجون ٻيڙيون ڪناري تي ٻڌي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ ٻيڙيون بہ پيِ رهيا هئا. ٻيڙيءَ وارن جڏهن ٻنهي دوستن کي پاڻيءَ ۾ گهڙڻ لاءِ تيار ڏٺو تہ کين چتاءُ ڏنائون تہ سمنڊ ۾ وير چڙهندڙ آهي. توهان جي سمنڊ ۾ گهڙندا تہ سمنڊ جي ٻئي پاسي پهچڻ مشڪل ٿيندو. هاڻي هو ٻئي بہ ڊڄڻ لڳا ۽ ٻيڙيءَ وارن کي عرض ڪيائون تہ هو کين ٻئي ڪناري تي ٻيڙيءَ ۾ وٺي هلن جو کين اڄ ئي ساٿين سان ممبئيءَ وڃڻو آهي! پر ٻيڙيءَ وارن صاف انڪار ڪيو ۽ کين چيائون تہ جي کين ضرور وڃڻو آهي تہ هو جلد ئي سمنڊ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، ڇو تہ پاڻي تہ وڌندو ئي ويندو!

لاچار ٻنهي هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا! ڪشور ڪڏهن

هنيائين تہ هو وچ سير ۾ ئي ٻڏي ويندو ! هو پيرن مان نانگ کي هٽائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ سمنڊ جو پاڻي سندس بدن تي اچا مٿي ٿو چڙهي وڃي. پر نانگ اچا ڇڪ ڇو نہ پاتو آهي؟ شايد نانگ نہ هجي ! ٻيڙيءَ وارن جي رسيءَ جو ڪو ٽڪڙو هجي ! هو سوچي ٿو تہ جي هو نانگ يا رسيءَ سان ڪشمڪش ڪندو تہ ڪيس اَچا دير ٿي ويندي ! ڪيس تہ اڳتي وڌڻو آهي ۽ ٻئي ڪناري تي پنهنجن ساٿين وٽ پهچڻو آهي. هيءُ سڄ بہ جلد جلد هيٺ لهندو ٿو وڃي ۽ هيءُ پاڻي تہ مٿي چڙهندو ئي ٿو وڃي !

ڪيس وقت جو خيال ٿو اَچي. هاڻي الائي گهڻو وقت ٿيو هوندو؟ هو واچ وارو ڪابو هٿ مٿي ڪري وقت ڏسڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ لڙڪڙائي ٿو وڃي. ڪيس لڳي ٿو تہ هو پاڻيءَ ۾ اچا اندر وڃي رهيو آهي ! هو واچ ڏسڻ جو خيال لاهي ٿو ڇڏي.

ڪيس لڳي ٿو سندس بدن ڪنبي رهيو آهي. پر پاڻي تہ ٿڌو ڪونهي. شايد موت جو خوف ٿڌي پاڻيءَ کان وڌيڪ زوردار آهي. هو ڏسي ٿو تہ ڪشور ڇڱو اڳيان نڪري چڪو آهي. هو ڇو پوئتي پئجي ويو آهي؟

پاڻيءَ جي مٿان هيءَ ڪاري ٻڏي مائيءَ جو چهرو ڪٿان آيو آهي؟ هوءَ سنيل ڏانهن نهاريندي پيگل ڏندن سان کلي رهي آهي. ڪيس ياد آيو، هيءَ تہ اُها بکارڻ آهي جا صبح جو جڏهن ئي هو گهر کان ٻاهر نڪتو تہ پيسا پنڻ لاءِ سندس پنيان پيئي هئي. هُن کي تہ پڪنڪ لاءِ بس پڪڙڻي هئي. هوءَ بکارڻ تہ سندس پنيان ئي پئجي ويئي. هو اُن وقت ڏاڍو خفي ٿيو هو. جڏهن ئي بکارڻ کي دٻ چاڙهيائين تہ هوءَ ٻڙٻڙائڻ لڳي. هوءَ ٿورو وقت اچا بہ سندس پنيان پيئي هئي پر ڪيس پيسا نہ مليا هئا. هن سوچيو، ڇا هن بکارڻ ڪيس پٽ هنئي آهي؟ هوندئن بہ بس تہ هنجي پهچڻ کان پوءِ بہ اڌ ڪلاڪ بيٺي هئي. هو هڪ روپيو بہ بکارڻ کي ڏئي ها تہ هوءَ پِٽ تہ نہ هڻي ها ! هاڻي منهنجو حال ڏسي ڪيئن نہ پيگل ڏندن سان ٽهڪ ڏيئي رهي آهي. معاف ڪرمائي، مونکي معاف ڪر!

اِئين ويچارن جي هلندي هن جا قدم ڍلا ٿي ويا آهن ۽ ڪشور اچا چٽو اڳتي وڌي ويو آهي. هاڻي سمنڊ جو پاڻي سندس ڪلهن تائين اَچي پهتو آهي. ڪنارو بہ ڪيس ڪُجهہ ويجهو ٿو لڳي. پر هي پاڻي تہ وڌي ئي رهيو آهي،

اوچتو سمنڊ مٿان ڪيس پنهنجي سلوچنا ۽ پنهنجي پُٽ وجيہ جا چهرا تا ڏسڻ ۾ اَچن. ڪيس ياد ٿو اچي تہ سلوچنا ڪيس ڪيترو نہ چيو تہ آفيس جي پڪنڪ جو موہ ڇڏيو ۽ مون سان گڏ اجمير هليا هلو. ممي پاپا توهانکي ڪيترو اَچڻ لاءِ چيو آهي ! سلوچنا چڻ ڪائنس پڇي رهي آهي، توهان مونسان ڇو نہ آيا؟ جي پاڻ نہ آيا تہ مونکي اَجمير اچڻ کان ڇو نہ روڪيو؟ جي مان توهان سان هجان ها تہ توهانکي اُن ساموندي بيٽ ڏانهن وڃڻ ئي نہ ڏيان ها! پر توهانکي تہ پڪنڪ تي اڪيلو وڃڻ ۾ مزو ايندو آهي نہ ! آزادي جو ملندي اٿو !!


هو زال کي سمجهائڻ لڳو تہ ائين تہ نہ چؤ سَلو ! مونکيمعاف ڪر. اڳتي تنهنجي ڳالهہ ضرور مڃيندس !

هو وري سوچي ٿو تہ هو ترڻ ڇو نہ سکيو؟ ترڻ سکي ها تہ هي خوف ڪيس نہ ستائي ها ! پٽ وجيہ بہ تہ ڪيس چيو هو تہ پاپا مونکي ترڻ سکڻو آهي. پر هو نٽائي ويو هو. سندس ناڪاري رُخ ڏسي سلوچنا وجيہ کي چيو هو تہ پٽ تون ڪيئن ترڻ سکندين؟ تنهنجي پاپا کي ترڻ نہ ايندو آهي تہ هو توکي ڪيئن سيکاريندو؟ مونکان پُل تي ويئي پٽ، هو هاڻي پٽ کي چوڻ لڳو. جي توکي ترڻ سيکارڻ لاءِ وٺي هلان ها تہ مان بہ شايد ترڻ سکي وٺان ها ! پٽ معاف ڪر مونکي ! مون تنهنجي ڳالهہ نہ مڃي. جي هن خوف مان بچي نڪتس تہ ٻئي ترڻ ضرور سکنداسين !

پر ڇا هو بچندو؟

سلوچنا ۽ وجيہ جا سمنڊ مٿان ترندڙ چهرا ڏنڌلا ٿيندا تا وڃن ۽ پوءِ گم ٿي تا وڃن !

ڪيس لڳي ٿو تہ سندس پيرن ۾ ڪجهہ اٽڪي پيو آهي ۽ سندس پيرن ۾ سُر سُر ٿي رهي آهي. ڪو پاڻيءَ جو نانگ تہ ڪونهي؟ جي زهريلو چڪ



کھاڻي چٽاڀيتيءَ جي ٽيون نمبر کھاڻي

اَرجن چاولا

جُمڙو ڪُلفيءَ وارو

جُمڙو ڪُلفيءَ وارو پرڻجي آيو تہ ڏاڍو گد گد پئي لڳو. ورهين کان سندس آس هئي تہ جيڪر پرڻجان. پر غريب کي ڏيءَ ڪير ڏئي! ھائيتاليھن ورھين جو مرد بہ تہ چڙهيل وهيءَ جو ليکبو. ويتر حلوائي. اونهاري ۾ ڪلفين جو ڌنڌو ڪري چڱا پئسا ڪمائي وٺندو هو. حلوائڪي ڪم ۾ تہ ماهر هيو ئي. هوليءَ ڏياريءَ تي شاهوڪار گهر خاص مٺايون ٺهرائڻ لاءِ جُمڙي کي ئي گهرائي وٺندا هيا. سندس هٿ ايترو تہ سٺو هيو جو سندس ٺهيل مٺائي هٿون هٿ وِڪامجي ويندي هئي.

جسم ۾ پتلو پر اُٺي ويھڻيءَ ۾ چست. نَڪ نقشو ٺيڪ. بازار ۾ هلندي وائل جي ڌوتيءَ جي هڪ ڪنڊ ڪبي هٿ ۾ هر وقت جھلي هلندو هيو. چستيءَ سان هلڻ ڪري ٺاهوڪو لڳندو هو. وارن ۾ ڏِنگي سِينڌ ۽ ڪانگريسي ٽوپي ترِڇي رکيل، اکين ۾ سُرمو - سو ڪجھہ شوقينڙو لڳندو هو. وڏيرو غلام رسول خان جڏهن بہ جمڙي حلوائيءَ کي ڪانگريسي ٽوپي ڏِنگي رکيل ڏسندو هو تڏهن ويجھو اَچي هٿ جوڙي سرائڪي ٻوليءَ ۾ چوندس :

’چاچا، ٽوپي سِڌي رکيندا ڪر ميڪوں ڏر لڳدا هي.‘ مذاق جو مذاق، طنز جي طنز. جُمڙو ڪلي ڪري ٽوپي سڌي ڪري رکندو پر جھٽ کان پوءِ ٽوپي ساڳي ترِڇي! وڏيري جُمڙي کي شاديءَ جون مبارڪون ڏيندي مذاق ۾ چيو : ’عورت وڏي قسمت والي لڳدي هي جوتئن جيھا مڙس مليا هس. ڪِتوں گھِن آياهِين؟‘

هن ڏنو تہ سندس اوسي پاسي ڪيترئون رنگ برنگي مڇيون منڊرائي رهيون آهن. ڪڏهن سندس بدن کي ڇهي وري پري ڀڄي ٿيون وڃن. اڙي هي ننڍڙيون مڇيون ايشور منهنجي مدد لاءِ تہ ڪونہ موڪليون آهن؟ پر هي پتڪڙيون رنگين مڇيون سندس ڪهڙي مدد ڪنديون؟ پر هڪ ڳالهہ تہ ضرور ٿي. هُنن مڇين جي اچڻ سان هُن ڀِڙي بڪارڻ جو ڇهرو گُم ٿي ويو. پوءِ رنگين مڇيون بہ الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويون !

اَڙي هي ڇا؟ پاٽي تہ هاٽي سندس گلي تائين پهچي ويو آهي. هُنکي لڳو تہ هو پاٽيءَ مان مٿي ٽپو ڏيئي منهن ٿورو مٿي ڪري، پر سندس ٽنگون جواب ڏيئي بيٺيون آهن. ٽنگن ۽ ٻانهن ۾ ڏڪٽي وڌيل آهي. ڪيس لڳي ٿو هُنکي پاٽکي مضبوط ڪرڻو پوندو. هو پنهنجي من کي سمجهائي ٿو تہ ڪنارو تہ سامهون ڏسڻ ۾ ٿو اچي ! پاٽي هُنجي وات ۽ نڪ تائين پهچي، اُنکان اڳ هو ضرور ڪناري تي پهچي ويندو !

پر پاٽي تہ وات تائين پهچي ويو آهي. هو وات ڀيڪوڙي بند ٿو ڪري. پر تڏهن بہ ٿورو پاٽي سندس وات ۾ هلي ٿو وڃي. ڪنارو هاٽي پري ڪونهي. هو سامهون ڏسي ٿو تہ ڪشور پاٽيءَ مان نڪري سمنڊ جي ڪناري تي اوندو ٿي ڪري پيو آهي. ڪي مهاڻا ڪيس ڪِرندو ڏسي، ڊڪندا سندس ڀرسان اَچي ويا آهن. هو هٿ مٿي ڪري سندس ڏانهن اِشارو ڪري رهيو آهي. پر هو تہ لڳ ڀڳ سڄو پاٽيءَ جي اندر آهي ! ڇا مهاڻا ڪيس ڏسي سگهندا؟ ڏسي سگهندا؟؟

هُنجو خُوف سان ڀريل من پُڪاري ٿو اُٿي. ڪشوريار تون مهر ڪر! تون آزاد ٿيو آهين تہ مونکي بہ هن خوف مان آزاد ڪر! آزاد ڪر!!

B/603, Woodland,
Near Ashok Academy,
Lokhandwala Complex,
Andheri (W) Mumbai - 400053

جو اُستاد. مڪرسنڪرات جي ڏينهن اِنيءَ ڏکرراند ۾ چڱا چڱا ڪيڏاري ڏَنڻ جو مقابلو ڪري نہ سگهندا هئا. ڳُل بہ انچ لنبي اِنيءَ کي زمين تي رکئي بنا هوا ۾ ئي ڏکرسان اهڙي چوٽ هڻندو جو چارئي قُبلا پار!

اِنيءَ اکين کان اوجهل آسمان ۾ اُڏامندي چڱي دير کان پوءِ هيٺ اَچي ڪرندي.

پيءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ جُمڙي جي همت اَفزائي لاءِ يا صلاح صحبت لاءِ ڪو بہ ڪونہ هيو. موڪيءَ سان لائون تہ لڏائين پر جيءَ جو جنجال ڪڙو ڪيائين.

هڪ ڏينهن تنگ اَچي سسٽس گهٽو ڦتڪاري تہ وينس پر جڻ غضب ٿي ويو. هٽي ڏندو سَٽ جو مٿو ڦاڙي وڌائين. پاڙيواري ڪوڏوءَ ماءُ سَٽ پائي پڳي جمڙي کي خبر ڏيڻ لاءِ. جمڙو آيو ۽ ماءُ کي اُٿاري کٽ تي ليٽائي سندس مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو. جوٽس جو چهرو ٽامٽيءَ وانگر تتل، اکيون ائين جڻ ٽاندا! ائين پئي لڳو جڻ سندس من اجا ٺريو ناهي. جمڙي چُپ رهڻ ئي بهتر سمجهيو. ڪير ۾ پينل هئڊ جو چمچو ملائي ماءُ کي پياري سمهاري ڇڏيائين. پر جمڙي جو من بيچئن ٿي پيو. هاٺي پوڙهي ماءُ لاءِ بہ جان جو خطرو محسوس ڪرڻ لڳو.

انهيءَ ئي ڏينهن وچي عُمرڦتوءَ واري سان مليو ۽ سڄي روئداد ٻڌايائين. عُمر چِون اکيون ڪاپار تي پهتيون. سوچ ۾ پئجي ويو. جمڙي پنهنجو درد کيس ٻڌايو : 'يار هاڻ تہ اَچي اَهڙو ڦاٿو آهيان جو رڳو ڦتڪان ٿو. ڪجهہ سُجهي ئي نٿو.' پر عُمر خاموش رهيو.

ڪُجهہ ڏينهن رکي عُمر سنجها ٽاڻي جمڙي وٽ آيو. صبح ٿيو. جمڙو زال کي وٺي بيل گاڏيءَ ۾ روانو ٿيو. رستي ۾ عمر بہ ساڻن اَچي گڏ ٿيو. ڳوٺ کان ٽي ميل پنڌ تي درياه تي پهچي پَتڻ پار ڪرڻو هو. ٻيڙيءَ تي چڙهڻ مهل جُمڙي جي دل زورسان ڌڙڪڻ لڳي. پر موڪي شانت. نہ سندس چهري تي تناوَ نہ ڪو فڪر. ڪناري وٽ چڱي گهرائي هئي. ويترسانوڻ جو مهنو ۽ درياه شاه ڦوڪيل.

’چاچا، يتيم خاني وِچون.‘ جُمڙي اَهڙيءَ طرح گهٽڻ ئي ٻوٽ وارن جون مبارڪون جهليون هيون.

ٻه هزار رپيا ڏيئي جُمڙو يتيم خاني مان جوءِ وٺي آيو ته ماڻس به خوش ٿي. ڪهڙي به ذات يا رنگ روپ جي هئي، عورت ته هئي. نيٺ ايشور آس پڄائي هئي. پنهنجي ٻوٽ ۾ ته جوءِ مليس ڪين ها. يتيم خاني مان ئي سهين، زال ته مليس. پر ٻيڏي ماڻس کي ٻن ڏينهن ۾ ئي ڪجهه عجيب لڳو. سَسُ نُنهن کي اَنو ٻوهڻ لاءِ چيو ته نُنهن رڳو تڪيندي رهي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي پرک پئجي ويئي ته ڪنوار موڳي آهي. بينگالي هئڻ ڪري نه سندس ٻولي سمجهه ۾ ٿي آئي ۽ نه ئي هو ڪجهه سمجهي ٿي سگهي. جُمڙي ماءُ مٿي تي هٿ ڏيئي سوچ ۾ ويهي رهي. پٽ پرڻيو سو سک ته جيڪو نصيب ٿيو. پر آڦي باقي ٻچيءَ ۾ ٻُت پئجي ويو.

جُمڙي ته پهرين رات ئي وَنڙيءَ سان وِرَوُنهن ڪئي. ورهين کان بازيل جو هيو. جوءِ جي خاموش سهيوگ کي لڄ ۽ حياءَ جو پردو سمجهي هو خوش رهيو.

هڪ ڏينهن ماڻس کان رهيو نه ويو. پاسيرو ٿي ڪن ۾ پُٽڪ وڏائينس ته ڪنوار ته موڳِي مَتر آهي. ڪجهه ٻُڌي ئي نٿي ۽ نه ڪجهه سمجهي ٿي. پر جُمڙو انهيءَ ڳالهه تي اَڙيل ته مس مس زال ملي آهي. ڪي ماڻهو ڏاهرا هوندا آهن ته ڪو موڳا. هيءَ ويچاري گونگي ٻوڙي آهي. ائين چئي ماءُ کي ٽاري ڇڏيائين.

جمڙو اَسُر جو اُٿي دڪان تي وڃي ته رات جو دير سان موٽي. سڄو ڏينهن ته ماڻس کي ئي مٿو مارڻو پئي پيو، نُنهن جهڙي آئي تهڙي نه آئي. جُمڙو ته راتين جي سک لاءِ زال وٺي آيو هيو پر ماڻس لاءِ ته رت ۾ رات ٿي ويئي. گونگيءَ ۽ ٻوڙيءَ سان ڀلا ڪير منهن ڏئي ! مٿان وري دماغ جي مُنجهيل. پهريائين ته ڪجهه سمجهي ئي نه. پر جي گهڻو چوَ ته چڙ ڪائي اکيون ڦوٽاري مٿان چڙهي اَچي. جُمڙو جڻ ته اَچي ڦاٿو هيو.

جمڙي جو پيءُ ڏنڻ به پنهنجي زماني جو ناليرو حلوائي هيو. اِنيءَ ذڪر

پريشان بہ رهڻ لڳو. پر عُمر جون تقاضائون بند نہ ٿيون. عُمر جا آڱرڪٽي ڳالهايل بہ اکر جڻ تير وانگر ڪيس چُڀيا ٿي. ڪجهہ مهنا قصو ائين هلندو رهيو. هڪ مصيبت کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ٻي مصيبت ڪڙي ڪري وڌائين. هڪ ڏينهن غصي وچان عُمر کي گهٽ وڌ ڳالهائي واپس ڪري ڇڏيائين. اُهو ڏينهن اُهو شينهن. عُمر اَچڻ بند ڪري ڇڏيو. هاڻ جُمڙو بي فڪر هيو.

سنجها ٿي چُڪي هئي. بازار بند ٿيڻ لڳي ۽ ڪُلفيون وڪڻي جُمڙو ٿاڪو ٿُڪو گهر موٽيو. ڏيئي جي لاٽ ۾ ماٺس روٽي کائي پي جُمڙي لاءِ پائي رکي ڇڏي ۽ پاڻ وڃي سُمهي پيئي. جمڙو آيو ۽ روٽي کائي اڃا ليٽي پيو مس تہ اَچانڪ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. جمڙي اُٿي وڃي دروازو کوليو. ڪيس لڳو تہ موڳي سامهون بيٺي هئي ۽ پنيان خانو مهاڻو لالٽين جهلي بيٺو هيو. جُمڙو ڪجهہ سمجهي تنهن کان اڳ سندس مٿو ڦرڻ لڳو. اکين اڳيان انڌيرو ڇانئڻ لڳس. خانوءَ مهاڻي لالٽين کي ٿورو مٿيرو ڪيو ۽ موڳيءَ ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي پر جُمڙو ڦان ٿي ڪِري پيو.

ٿوري دير کان پوءِ جيئن ئي هوش ۾ آيو تہ پنهنجو سِر موڳيءَ جي گوديءَ ۾ رکيل محسوس ڪيائين انهيءَ پل موڳيءَ جي اُداس اکڙين مان بہ گرم بوندون جمڙي جي پيشانيءَ تي ٽِمڪي پيون.

جُمڙي اهڙي شانتي هن کان اڳ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي.

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)

پريون ڪنارو نظر ئي نہ پئي آيو. خانوُ مهاڻو ٻيڙيءَ کي ونجهہ هڻڻ کان اڳ سِڙهہ کولڻ لاءِ کوهي تي چڙهي رسيون کولڻ لڳو. عجيب نگاهن سان عمر موگيءَ جي معصوم چهري ڏانهن نهاريو: پلڪون جهڪائي موگي خبر ناهي الائي ڇا سوچي رهي هئي عُمر اُٿي موگيءَ وٽ آيو ۽ اُٿڻ لاءِ اشارو ڪيائينس. موگي جيئن ئي اُٿي عُمر کيس ڌِڪو ڏيئي درياهہ ۾ اُڇلايو ۽ اُمالڪ عُمر ۽ جُمڙو ستت پائي ٻيڙيءَ مان ٽپ ڏيئي ٻاهر پيگا.

ڏڙام جو آواز ٻڌي خانوُ مهاڻي کوهي جي چوٽيءَ تان هيٺ نهاريو تہ سندس هٿ پير ٺڏا ٿيڻ لڳا. گاريون ڏيندي ۽ ڪُتا اکر ڪيندي جهٽ هيٺ لهڻ جي ڪيائين. هوڏانهن عُمر ۽ جُمڙو درياهہ جي ڪنڌيءَ گهاٽن وڻن جي وچ ۾ اوجهل ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن چوُنڪ ۾ جُمڙو شام جو ڪلفين جي گاڏي تي نهايت پريم سان گراهڪن کي ڪلفيون کارائي رهيو هو. پر سندس چهري تي ظاهري بي فڪري پٺيان اندر جي ڪنهن آنڌ مانڌ، ڪنهن ڪشمڪش، ڪنهن چوُرا کوُرا جي جهلڪ بہ نظر پئي آئي. پريان عُمر کي ايندو ڏسي سندس دل ڌڙڪڻ لڳي. ڦِڪي مُشڪ سان چيائين: ’آءٌ عُمر يا، وڏي عمر اٿيئي، مون اڃا هاڻي ئي توکي ياد پئي ڪيو.‘ عُمر بہ مشڪندي وراڻيو: ’جُمڙا، پنج سوَ رپيہ هاڻي ئي کپن يار‘. جُمڙو ڪجهہ سوچي تنهن کان اڳ عُمر چئي ڏنو: ’اُميد ڪٺي تو وٽ آيو آهيان‘.

جُمڙو ڀلا ڪيئن انڪار ڪري. گاڏو عُمر کي سونپي سَٽ پائي گهران رپيا آڻي کيس ڏنائين ۽ ڪلفي بہ کارايائينس. ماءُ جي بار بار پڇڻ تي جُمڙي کيس ٻڌايو تہ ڪنوار کي آشرم ۾ واپس ڇڏي آيو آهيان.

ڏينهن گذرندا رهيا. هر چوٿين پنجين ڏينهن عُمر اَچي اڳيان بيهندو. آڱر کٽي چوندو: ’جُمڙا، سڀ ياد اٿيئي نہ؟‘ جُمڙو ڪڏهن بہ سوَ ڪڏهن چار سوَ ڪڍي عُمر جي هٿ ۾ رکندو: ’عمر، هاڻ ايتري ڪمائي ڪانہ رهي آهي. توکي ڪافي ڪجهہ ڏيئي چڪو آهيان.‘ انهيءَ نموني جُمڙو ڪيٻائڻ لڳو ۽

لڳندو. هاڻي هي ليڪن جا نشان اُڀرندا، اُپامندا. هاڻي هي ليڪون ٿرماميٽر جي پاري وانگر مٿي چڙهنديون. $102^0, 103^0, 105^0, 108^0, 110^0$ ۽ جهن نن جو ڏهڪائيندڙ آواز ڪندي ليڪُن جو ٿرماميٽر ٽٽي پوندو. ڪانچ جا ٽڪر ڇاتيءَ ۾ چيي ويندا ۽ .... ۽ .... ڪيس محسوس ٿو ٿئي، هوءَ وري وقلڻ لڳي آهي. ڪوشش ڪري سمهاريل ڪاوڙ ۽ غصو پڙڪڻ لڳا آهن. هن مدي تان من کي پٽڪائڻ جي ڪوشش ڪندي سندس نگاهون پنهنجي ڇاتل-سڄاتل ڪمري ۾ رکيل هر شئہ تي ٿڏڙرا گهمائڻ ٿيون لڳن.

پلنگ جي ڀئي پاسي وارڊ روب آهي. ڪابيءَ پٽ تي ٽي. وي. آهي. اُنجي هينان ٽپائيءَ تي ميوزڪ سسٽم آهي. ڪنڊ ۾ رکيل ننڍڙي ميز تي نچڻيءَ جو اَڇي سنگمرمر جو بوتو آهي. پريش جي ڪنهن پرڏيهي دوست اِها مورت ڪيس سوغات ڪري ڏني آهي. نرتڪيءَ جي ڪلهي تان هيٺ لهي هڪ جهيڻي اوڍڻي اُرهن جي ڪنارن ڪان اَڌُ اَڌوري لُڙهندي ڪابيءَ چنگهہ سان ويڙهجي ويئي آهي.

ڇا اڄ بہ انسان جي اندر آدم تهذيب جو جهنگلي جانور لڪو وينو آهي؟ وگيان جي سهاري قدرت تي فتح حاصل ڪرڻ جي مهم ۾ مبتلا اِنسان ڇا اِن جانور کي جيتي سگهيو آهي؟ سطحي نموني ڪڏهن ڪڏهن خود کي ڇلڻ جي ڪوشش کي ڇڏي اڄ تائين ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويو آهي. هاڻي تہ اهو جهنگلي جانور پاڻ کي سيہ چوڻ واري نئين يگ جي اِنسان جي قاعدن، مريادائن، مچتائن ۽ بندنن جو چوُواٽن تي بيهي مذاق اُڏائي رهيو آهي. سندس مذاق، سندس فاحش ٽهڪن کي، مجبوريءَ ۾ خاموشيءَ سان تڪڻ کان سواءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهي هو. گذريل ڏوُر جا ملهہ، پراڻي پيڙهيءَ جو وِروڌ ڪنهن ڪُنڊ پاسي بہ ڏسڻ ۾ نٿو اَچي. اِنهن ٽهڪن جي جواب ۾ ڪا گولي نٿي هلي، ڪو خون نٿو ٿئي، ڪا اَڪ سرخ نٿي ٿئي. بي روڪ، بنا بندش، بنا ڪپڙي ۽ بنا اوٽ واري سيپتا جو آخري مقام ڪهڙو هوندو، اِن باري ۾ ڪو بہ ڪجهہ سوچڻ لاءِ تيار نہ آهي.

ڪهاڻي چٽاپيٽيءَ جو آٿتي انعام (۱)

ڀڳوان اٽلاڻي



پيمانا

تصوير تان ڪسڪندي سندس نظر ڀت تي نهيل ٻن پوروچوٽ گهرين ليڪن تي اَچي بيهجي ٿي وڃي. تصوير جي پنيان جهرڪيون هاڻي آکيرو ناهڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون آهن. تنهنڪري ڀت ۾ لڳل ڪوڪي تي جهڪائي ڪري لٽڪايل تصوير جي فريم کي وچ وچ ۾ سڌو لٽڪائڻ جو سلسلو هلندو رهندو آهي. هن تصوير سان نه ڄاڻ ڪهڙو لڳاءُ آهي جهرڪين کي جو جهڪائي ڪري لٽڪائيندي ئي، ترت جهرڪيون آکيرو ناهڻ جو پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏينديون آهن.

گذريل دفعي صفائي ڪرڻ وقت ڏاڪڻ تي چڙهي جڏهن پريش هن تصوير جي پنيان جمع ڳاهُ ۽ سُوٽليءَ جا ٽڪر هٽائي رهيو هو ته اُمالڪ ڏاڪڻ کسڪي ويئي هئي. ڀلي ڀت تي ڏاڪڻ جي ڏندن جا نشان اُڪرجي ويا هجن پر ڏاڪڻ جا پاوا پلنگ سان لڳي بيهجي ويا هئا. اِئين نه ٿئي ها ته پريش کي، ٿي سگهي ٿو اِسپتال وٺي وڃڻو پوي ها اُن ڏينهن.

هوءَ ڀت تي نهيل ليڪن تان پنهنجي نظر پري هٽائڻ ٿي چاهي. اوچتو ڪيس اَحساس ٿو ٿئي ته هي ليڪُون ڪنهن ڀت جي ڇاتيءَ تي نه، سندس پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڪينچيل آهن. ڀت تي نمايان نشان ڇاهي ڪنهن ٻيڄان ڏاڪڻ جي پيرن اُڪيريا هجن پر هڪ ماءُ جي ڇاتيءَ تي نشان ڀٽ جي افعالن سبب تعمير ٿيا آهن. ڪيس لڳو، اِجهو اِن تعمير ۾ رتُ ٽهڪڻ

هوءَ پاڻ ڇا گهٽ آزاد خيالن جي رهي آهي؟ هن به بغاوت ڪئي هئي، پر جائز ناجائز جو فرق وساري بغاوت جو جامو پهرڻ ڇا مناسب ليکبو؟ صحيح ڳالهه جيڪڏهن ڪوئي نٿو مڃي ته مڃائڻ لاءِ ڪجهه به ڪريو، ڪير ٿو جهلي. پريش جي پيءُ سان سندس شادي ڇا سولائيءَ سان ٿي ويئي هئي؟ پوري طاقت سان بغاوت جو نعرو بلند ڪري عدالت ۾ شادي ڪرڻ جو فيصلو اُن دؤر ۾ ڇا سڌي سنواٽي ڳالهه هئي؟ شاديءَ کان اڳ ۾ ڇوڪري ڇوڪريءَ جو هڪ ٻئي کي ڏسڻ به جڏهن سماج جي روايتن جي برخلاف مڃيو ويندو هو، عدالت ۾ شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيترو ڏکيو ڪم هوندو! هر ممڪن ورونڌ ۽ دٻاءُ هوندي به پونگاپنتي سماج جي ٻُل تي چماٽ هڻڻ واري ماءُ ڇا پنهنجي پٽ کي دقيانوُس بڻائڻ چاهيندي؟

جيڪڏهن ڪيس پراڻي چلت سان ايتروئي پيار هجي ها ته پريش کي ڪُلي عام مونا سان ملڻ جلڻ جي اِجازت ئي ڇو ڏئي ها؟ پريش گهر وٺي ايندو هو مونا کي . سندس ڪمري ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻئي اَڪيلا ويٺا رهندا هئا. هُن ڪڏهن پُڇڻ يا ڄاڻڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ته ڪمري ۾ اَڪيلا هوُ ٻئي ڇا ٿا ڪن؟ شيرڻيءَ چاهيو هو ته سندس پٽ شينهن بڻجي. جهنگل ۾ پنهنجو رستو هوُ پاڻ چوندي، ڪنهنجي ٻڌايل رستي تي نه هلي. پر شينهن ٿو چوي، نه، هوُ رهندو ئي نه، جهنگل ۾ منماني ڪندو. جتي وڻندس، منهن هڻندو. ڪنهن غفا کي پنهنجو گهر نه چوندو. پريش جو چوڻ آهي، سڄي زندگي هوُ هڪ ئي ڪِلي سان ٻڌجي رهڻ نه چاهيندو. پنهنجي ئي تاهيل رستي تي به ٻيو دفعو قدم نه رکندو. ٻيو پيرو سفر شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هوُ نئون رستو تيار ڪندو ۽ پوءِ اُنتي هلندو. نفرت آهي پريش کي اڳ ۾ واپرايل رستن کان.

ٻڌو آهي، گهڻو پهرين شاديءَ جي روايت نه هئي. جنهن مرد کي جيڪا عورت وڻي ويندي هئي، ڪجهه وقت اُن سان گڏ گذاري جيڏانهن چاهيندو هليو ويندو هو. سنتان تي حق فقط ماءُ جو رهندو هو. رشيءَ جي هڪ پٽ جي

سيني تي هڪ ئي ڏن سوار آهي تہ ڪيئن چڙواڳي سندن خوراڪ بڻجي، چڙواڳي سندن پاڻي بڻجي، چڙواڳي سندن بسترو، سندن زمين، سندن آسمان، سندن زندگي بڻجي. من گهريو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هيڻائون، وڌيڪ هيڻائون، اڃا وڌيڪ هيڻائون سڀ ڪجهہ ڪرڻ تي آمادا نئين ٿهي چا اَهڙي ئي نموني اکيون بند ڪري هلندي رهندي. اُبتي پيرِ اُن اوڙاهہ ڏانهن جنهن مان ٻاهر نڪرڻ ۾ انسان کي الائي ڪيترو وقت صرف ڪرڻو پيو آهي.

سٺي هجي يا خراب، هرهڪ پرمپرا جي برخلاف بغاوت ڪري چا سُکي ٿيڻ ممڪن آهي؟ پراڻين اَڪيچار پيڙهين سڀ ڪجهہ هوم ڪري جن سچاين کي سڃاتو آهي، ڪيترا ڏک سهي، ڪشالا ڪڍي سنتوش حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مانُ ڳولهيا آهن، انُهنکي فقط متو ڏوڙي ناڪارڻ سان چا موجود ٿهيءَ کي تسڪين ملندي؟ باغي انداز ۾ ماحول جي ڪري چا ڪين خوشي ملندي؟ حال مستقبل جو بنياد آهي ۽ نئين پيڙهيءَ جو بنياد کي مضبوط ڪرڻ ۾ پيروسو ڪونهي.

پريش ٿو چوي، 'پراڻي پيڙهيءَ وانگر مان ڪنهن ڪڏي ۾ بيٺل پاڻي نٿو بڻجڻ چاهيان. مان نديءَ وانگر بنا روڪ ٽوڪ جي اڳيان وڌڻ ٿو چاهيان. لڳاتار بدلاءُ گهرجي مونکي. مما، تون پڇين ٿي، جيڪڏهن شادي نہ ڪرڻي هيئہ تہ مونا سان تو پيار ئي چو ڪيو؟ منهنجو جواب آهي، شادي ڪري مان ڪڏي ۾ بيٺل پاڻيءَ جيان چو سڙان؟ جاڻي ٻجهي ڪري، وهندڙ پاڻيءَ کي روڪي اَهڙي نوبت چو پيدا ڪريان جو پاڻيءَ مان ڌپ اَچڻ لڳي؟'

پريش جون چيل ڳالهيون ياد ڪري سندس اکيون پرجي ٿيون اَچن، مٿو جهڪي ٿو وڃي. سانجهيءَ کان پوءِ هوءَ اَهڙي ئي من اِسٿتيءَ ۾ قائل آهي. ڪڏهن ڪيس پنهنجي مٿان، پريش تي، حالتن تي، نئين ٿهيءَ جي سوچڻ جي طريقي تي غصو ٿو اَچي ۽ ڪڏهن لاچاري محسوس ڪندي اکيون آليون ٿيون ٿينس.

پيماني موجب عزت جي هڪ طئہ ٿيل وياڪيا آهي. اُن وياڪيا جي اَڻ ڏني ڪرڻ وارن کي ڏڪاريو ويندو آهي. ڇو نٿي سمجهڻ چاهي نئين ٿهي تہ سماج جي پيماني موجب عزت جي هڪ طئہ ٿيل وِياڪيا آهي. اُن وياڪيا جي اَڻڏني ڪرڻ وارن کي ڏڪاريو ويندو آهي. ڇو نٿي سمجهڻ چاهي نئين ٿهي تہ سماج ۾ عزت حاصل ڪرڻ لاءِ چريتروان هئڻ لازمي آهي. خراب اِخلاق واري شخص کي سماج ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ مان ۽ مرتبو نہ ملندو آهي. سنمان، عزت ۽ ساک کي ناڻي سان خريدي نٿو سگهجي.

اِنسان جا پنهنجا اُصول هئڻ سني ڳالهہ آهي. سڌانتن تي هلڻ واري شخص جي تعريف ڪير نہ ڪندو؟ پر شخصي ۽ سماجڪ ميتائن ۾ جيڪڏهن وڏيڪ فاصلو هوندو تہ نيائي سگهجي ٿو ڇا؟ اِنجو مطلب ڇا اهو نٿو ڪڍي سگهجي تہ اڄ نہ سياڻي پريش کيس بہ چوندو، 'تون پراڻي پيڙهيءَ جي آهين، هاڻي تنهنجا ويچار سڙي ويا آهن، گهر مان نڪري وڃُ.'

اِهو خيال ايندي ئي هوءَ ڇُهري ٿي وڃي. سندس رڳ رڳ ۾ ڏڪٽي پرجي ٿي وڃي. هن عمر ۾ ڪيڏانهن ويندي؟ ڪنهنجي در تي دستڪ ڏيندي؟ ڪنهنجي سامهون وڃي ٻاڏائيندي تہ پٽ مونکي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، تہ منهنجي پيريءَ جي لٺ ٽُٽي پيئي آهي.

هوءَ اُٿي ڪٽ تي ويهي ٿي رهي. سندس نظر پريش جي ڪمري جي در تي ٽنگيل پردي تي ٿي پوي. پنهنجيءَ نئين گرل فرئنڊ سان گڏ پريش اندر آهي. اُمالڪ هوا ۾ تري آيل ٿهڪ ڪمري مان نڪري کيس سيسراٽن سان پري ٿو ڇڏي.

منهنجو ڪهڙو مطلب، هُن سوچيو، هيتري گذري وئي آهي، بچيل عمر بہ گذري ويندي. پر..... کيس محسوس ٿو ٿئي، شايد هوءَ بي طرفدار ٿي نہ سگهندي.

D-183, Malviya Nagar,
Jaipur - 302017

ماڻ ڪي سندس اکين جي سامهون ئي جڏهن ڪو اڻچاتل شخص پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لڳو ۽ ماڻ ڪيس روايت کان واقف ڪيو تہ هوءَ بي چين ٿي ويو. اُن بار ئي اڳتي هلي شاديءَ جي انتظام ڪي شروع ڪرايو. هزارن سالن کان شاديءَ جي روايت پارت ۾ ئي نہ، دنيا جي هر ڪنڊ ۾ قبولي ٿي وڃي. مناسبيت سمجهندا آهن تڏهن تہ قبولين ٿا نہ؟ هاڻي هي اجڪالهہ جا ڇوڪرا شاديءَ کي غير ضروري پنڌن چئي ناڪارڻ ٿا چاهين.

جوش ۾ اَچي هن پريش کان پڇيو هو، 'توهان سڀ ڇا شرير جي تقاضن کان بہ انڪاري ٿيڻ چاهيندا؟ ڇا اِن ڳالهہ کان بہ اِنڪار ڪندا توهان سڀ تہ سچي زندگي سُک - ڏُک ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ ڪنهنجو هئڻ ضروري آهي؟'

پريش کِلي جواب ڏنو هو، 'تون بيحد سادي آهين، مما. اَجوڪي دنيا ۾ ڪوبہ ڏُک جو ساٿي نہ آهي. ناٺو آهي تہ اَڪيچار ساٿي بہ ملي ويندا ۽ اٿميا سُک بہ انتظار ڪندا. رهي جسماني بُک، تنهن لاءِ شادي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟'

'ڇا تون ريسٽارنٽ ۾ کائڻ جي جڳهہ تي گهر ۾ کاڌو کائڻ پسند نہ ڪندين، پريش؟'

'نہ مما، مان گهر ۾ نہ، ريسٽارنٽ ۾ کاڌو کائڻ ئي پسند ڪندس. رقم تہ گهر ۾ بہ خرچ ٿيندي ۽ ريسٽارنٽ ۾ بہ خرچ ڪرڻي پوندي. پوءِ ڀلا مان ساڳيو ئي ساڳيو کاڌو ڇو کانوان؟ الڳ جڳهہ تي ويهي، جدا هٿن سان ٺهيل، دل گهربل طعمن جو مزو ڇو نہ ماڻيان؟ زال منهنجي شرير جي بُک ضرور مٽائيندي پر تنهنجي بدلي مان سڄي عمر سندس حفاظت، سندس پالڻ-پوشڻ، سندس سُک ۽ سهوليت جي ذميواري بہ تہ کڻندس نہ؟ پوءِ شادي ڪري فقط هڪ شرير ڪي ڇو ڀوڳيندو رهان؟'

نواڻ جي تلاش ۾ ڀٽڪندڙ هيءَ پيڙهي ڪڏهن ديا ڪرڻ جوڳي لڳندي آهي ۽ ڪڏهن سندس ناسمجهيءَ ڀري هڪ هٺيءَ تي ڪاوڙ ايندي آهي. آخر ايتري معمولي ڳالهہ بہ ڇو نٿا سمجهڻ چاهين. هي سڀ تہ سماج جي

’منهنجي پياري، هي پاڻ وٽ رک، گهر خرچ ۾ ڪتب آڻجانءِ‘ هي ٽيئي چٽا امّاڪي سوال پربل اکين سان ڏسڻ لڳا.

’منهنجا ٻارو، مونکي اِئين نہ ڏسو، مون ڪا چوري نہ ڪئي، نہ وري ڌاڪو هنيو. باقي ها اِهو هڪ ’راز‘ آهي، تہ هي پئسا ڪٿان آيا.‘ اِهو امّا هنن کي چيڙائڻ لاءِ چيو.

ٽنهي جي وات مان ڪورس ۾ نڪتو ’راز‘ !؟

روڏرهن جي پاسي ويهندي شرارتي نوع ۾ چيو ’اما ڳالهہ کي گهمايو نہ، مُدي تي اَچو.‘ مشڪندي چيائين.

’پٽ ’راز‘ يعنيٖ ’راز‘، سيني کي نہ ٻڌائبو آهي.‘ اِئين ئي هن نمرتا کي پئسا ڏنا. پر مشڪندي امّا سنجيدي ٿي ويئي. هن جي چهري تي دک جون ريکائون نمودار هيون.

هڪ لنبو ساهہ کڻندي چيائين :

گهر جا مرد ويا وڇڙجي هميشہ جي لاءِ. رهجي ويئون آهن صرف يادون جن جي سهاري جيئجي پيو :

ننڍي عمر ۾ وواهہ ٿيو. بي حد پيار ڪرڻ ۽ چاهڻ وارو پتار مليو. مان دنيا جي خوش نصيب سُهاڳڻين مان هڪ هئس. مونکي هو پنهنجين پلڪن تي ويهاريندو هو. سهڻو قداور، سياهہ جو سنو ڪلمڪ ۽ پڙهيل ۽ مان .....

پڙهيل بہ گهٽ، روش سونهن بہ نيڪ ننهن هوندي ملندو رهيو بي حد پيار. اَسان جي خوشگوار زندگيءَ ۾ پوءِ آيو ننڍڙو ڪملوءُ. اَسان جو پيارو، دلارو، لاڏلو. هن گهر جو چراغ. اَسان جو ننڍڙو ۽ سڪي پريوار. مون لاءِ تہ هيءُ هڪ ’ننڍڙو سُرڳ‘ هو.

پر اِها سچائي ۽ حقيقت محدود نہ رهيون. اوچتو .... آسمان مان ڪارن بادلن جي ڇپ اَسان جي ننڍڙي سرڳ تي ڪِري. ڪملوءَ جي پيءُ جو رستو پار ڪندي هڪ لاريءَ سان ٽڪر ٿيو ۽ اُتي ئي ڦٿڪندو هميشہ لاءِ هليو ويو. هي ڇا ٿي ويو ! ڪنهن جي نظر لڳي؟ منهنجو ڏٽي مونکي ڇڏي ويو !

سوني مولچنداڻي ٻيلاڻي

مُنهنجو ٽالپڙُ

اَما، توهين ڪيڏانهن ويا هئا ..... ٻُڌائي تہ وڃو ها، اَسان کي ڪيتري چنتا ٿي پيئي. ٻئي ٻارشردا ۽ روُڌر توهان کي ڳولهڻ ٿي نڪتا. اَما جي ننهن نمرتا يڪساهي چئي ويئي.

’اَڙي منهنجي ٻچڙي، مان توهان ۽ هن گهرکي ڇڏي ڪٿي ويندس. هيءَ ئي تہ منهنجي دنيا آهي.‘

ننڍڙي روڌرڏاڏيءَ جي پاسي ۾ويهندي چيو ’اَما، ڇا توهان جو ڪم نہ هو مميءَ کي ٻڌائي وڃڻ يا پِل اَسان ٻارن مان ڪنهن کي ٻہ. توهان جي چنتا ڪارڻ ممي رُني آهي.‘

’اَڙي واه منهنجا ٽالپڙ، ڪڏهن تنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ بہ مون سان اِئين نہ ڳالهايو. پر ها لال، منهنجي غلطي هئي ٻڌائي وڃڻ کپندو هو.‘

’اَما ڳالهہ کي گهمايو نہ، مُدي تي اَچو. گهرِ۾ اَسين وڏا سڀا مؤجود آهيون، تہ اَسان کي اسان جي اَما جي خبر نہ.‘ ائين چئي روُڌر پنهنجي مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو.

اَما پنهنجي پوتي (ڏُپٽو) وات تي رکيو جو کيس کِل اَچي رهي هئي ۽ پوءِ ڏرتيءَ تي ويٺي ۽ ويهندي چيائين ’شڪر آهي.‘ پنهنجي پوتيءَ جي ڳنڍ کولي اُن مان ڪجهہ نوٽ ڪڍيائين جي نمرتا کي ڏنائين. جنهن يڪدم پڇيو.

’اما ..... هي پئسا !‘

قسمت اَسان تي ڪِلي ۽ مذاق اڏايو. هڪوار آيو هڪ طوفان جنهن بڻايو هن گهر کي شُڪل ۽ نابود ....

'منهنجو ڪملوءُ .... 'اَسان جو ڪملوءُ......'

روز جي مسافري ڪندڙ اُن ڏينهن ڪا ڏسائي اَهڙي هئي. ريلوي جي پُل تان پير کسڪي ويس ۽ ڪِريو. ڪِرڻ سان زخمي ته ٿيو گڏ مٿو ڦاٽي پيس. اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايوسونس. دوا درمل، علاج، شرير جا زخم ته ٺيڪ ٿيندا رهيس پر هن جي دماغ جي نَس ٽٽي پيئي، جنهن ڪارڻ هو پنهنجي سُڌ ٻُڌ ۽ سمجهه وڃائي وينو.

گهر کان ٻاهر قدم نه رکي. نه ڪنهن سان گڏجي، نه ڳالهائي. بس صرف بند ڪمري ۾ وينو هجي. ڪڏهن بلڪل شانت ته ڪڏهن زور زور سان ٽهڪ ڏيئي، رڙيون ڪري. پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي، وري اُٺي ئي رُئي ۽ پاڻ کي پرچائي.

ڇا اسان جو پيارو ڪملو ..... شهزادو، ڇا هن جي مٿي جا وارگم ٿيندا ويا. ڏاڙهي وڌي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ اَڇا وار! اَڇا وار!! ڪير ڪمري ۾ اَچيس ته ڇرڪ ڀري، ڏڪي، هيسجي وڃي. بس ڊپ ۽ خوف.

ڪجهه پاڙيوارن هن کي پاڳل خاني ۾ ڀرتي ڪرائڻ لاءِ چيو. چيائون هن جي ههڙي نموني جي هلت جو اَسان جي ٻارن تي اَثر پوندو !! اَسان جو ڪملو پڙهيل تنهن کي پاڳل خاني ۾ !!

صرف هڪ دفعو هو ٿورو ٻاهر آيو ته ڪيترن ٻارن هن تي پٿر اُڇليا ۽ 'پاڳل پاڳل' چوڻ لڳا. هو ڊوڙندو ۽ ڏڪندو اَچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيو. هو زار زار روئڻ لڳو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن مرد کي اِئين اوڇنگارون ڏيندي ڏٺو. اَسين لاچار ۽ بيوس بڻجي کيس پرچائيندا رهياسين. اُها رات ....

اُن رات هو ليٽيو، سمهيو ۽ هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو ....

اَسان جو ڪملو .... گذاري ويو !

ڪملوءَ جو پتا حيات هجي ها ته ...... !!؟

ڪنهن جي آسري ! هي پرماتما تون ايترو زوراور آهين يا يمراج؟

زندگي ٻٽي زور جو سؤدو، جيئڻي ته پيئي. پيو ڪنهن نه، اَسان جي ڪملوءَ لاءِ. هونئن جو مان جيئان، ڪنهن لاءِ؟ پر ڪملو منهنجي زندگي جيئڻ جو مقصد ٻڻيو.

ڪيو مون پاڻ سان قوُل ته محنت مزوري ڪري پنهنجي ٻارڪي پالينديس. آخر سندس پيءُ اِها جوابداري مون تي ڇڏي ويو. هونئن ٻه جيون جيئڻ جو مدار هڪ زال جي شخصيت سان جُڙيل هوندو آهي. هُنر ته مان ٻه ڄاڻندي هئس. سلائي، سئيٽر مڙهڻ، سنو ڪاڏو رڌڻ، پاپڙ ڪچريون مڻايون. ماڻهن جو ٻه ساٿ مليو. وقت بوقت آرڊرس ملندا رهيا. زندگي ائين هلندي رهي ۽ مان ڪملوءَ کي ڏسي پيئي ترندي هئس.

ڪيئن وقت گذرندو رهيو خبر نه پيئي جو ڪملو اَچي جوان ٿيو. سهڻو، وڻندڙ ڪٽي ڇڻجي پنهنجي پيءُ جو پيو روُپ. اَسان جي هڪ سڃاڻپ واري وٽ هن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ گڏ پڙهندو ٻه هو. شڪرانا پرماتما جا.

هينئر ڪملوءُ جي شاديءَ لاءِ مائٽيون اَچڻ لڳيون. ارادو ڪيو ڪنوار اَهڙي آٽيڻديش جا مونکي ٻه پسند هجي ۽ ڪملوءُ کي ٻه. اِئين ٿي تون اَسان جي نمرتا هن گهر ۾ ڪنوار ٻڻجي آئينءَ.

ڪملوُ ۽ تنهنجي شادي ٿي. گڏ گهر ۾ خوشيون ڊوڙنديون آيون. ڏسندي ڏسندي اسان جي گهر جي اَڱڻ ۾ ننڍڙي ڪلي مسڪرائي اَسان جي شرڌا ۽ جلد ئي آيو اسان جو ٿالپڙ پوٽو روُڏر.

هونئن ڪٽي مان چوان ته هڪوار هڪ ننڍڙو سُرڳ پر نه منهنجو ڏٽي .... هن گهر جو تاج، سو ته هئو ئي نه، هُجي ها ته، هي گهر مڪمل پريوار ۽ سُرڳ ڪوٺجي هان.

پر نه ..... آخر اِها ڪنهن جي ڪاري نظر هئي جا هن گهر کي لڳندي رهي؟

ڪنهن کان گهر پريوار جون خوشيون سَنيون نه ٿي ويئون ۽ هڪوار......

هي خوشين سان ڀريل هي گهر ڏڪ نه جهلي سگهيو ۽ هڪوار.......

’ها منهنجي مٽي. محنت تہ ڪرڻي آهي. خيال نہ ڪر تون، اَڪيلي نہ مان بہ هٿ ونائيندي سانءِ. آخر بہ هي سڀ ڪجهہ توُن هن گهر پريوار لاءِ ٿي ڪرين‘.

’نہ نہ اَما، توهين آرام ڪيو. مان هنن پئسن مان سامگري ٿي وٺي اَچان.‘ منهنجي پياري ڀوراٽي، ڪجهہ تون تہ ڪجهہ مان. بنا مردن جي هن گهر کي هلائڻو آهي. مرد جي ڪمائيءَ ۾ برڪت ئي ٻي هوندي آهي. وري بہ شڪرانا ...... اسان جا لال سائين ....‘

’اَما ڪير ٿو چوي هي گهر بنا مرد جي آهي؟ اَما .... مان جو آهيان. هن گهر جو مرد ..... پل نندو ئي سهين .....‘ روڏر مشڪندي چيو ۽ ڏاڍي ۽ ماءُ جي اکين مان ٻُرندڙ ڳوڙها اُگهيا.

اَما هن کي ڏسڻ لڳي. ’پٽ ساجي پاسي کان تون ڪملوءَ جو پيءُ ..... ۽ کاٻي پاسي کان ڪملوُ..........

ڇا اَما صرف ساجي ۽ کاٻيءَ سِڌو تہ

سڌو .... سڌو تہ ’منهنجو لال سائين‘ ...... منهنجو ’امر لال‘

’اما ڳالهہ کي گهمايو نہ، مُدي تي اَچو.‘ اِئين چئي روڏر مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو ۽ هڪوار اما پوتي وات تي رکي کلڻ لڳي ۽ چيو ها ها ’منهنجو ٽالپڙ‘.

144, Madhuban "B",
60/61, Worli Hill Road,
MUMBAI - 400018.

قسمت نہ مونکي ساٿ ڏنو نہ منهنجي ننهن کي. هن گهر جي ڀوراڻي سفيد پوشاڪ ۾ هڪ وڏوا !'

نمرتا سَس جي ڪلهي تي مٿو رکيو ۽ ٻئي سس ننهن روئڻ لڳيون ۽ پوءِ هڪ ٻئي کي پرچائڻ.

سس کي پيار ڪندڙ نمرتا چيو،

'اَما، ڪملوءَ مونکي ٻي اِنتها پيار ڏنو. مان ڀڳوان کان ڪملوءَ جهڙو گهوٽ ستن جنمن ۾ نہ بلڪ هر جنم لاءِ گهرنديس.' گڏو گڏ

'مان پرماتما کان اِهو بہ جواب وٺنديس تہ آخر هن گهر جي مردن هنجو ڇا بگاڙيو؟ پهرئين دادا جن کي، پوءِ ڪملوءَ کي !!' ڇو زلزلو اسان جي گهر؟ اَڃا ڀڳوان کي 'دياوان' تو چئجي!

'نمو، پٽ تون منهنجي پياري ڌيءَ، تو هن گهر کي سنڀاليو. ڪملوءَ جي علاج لاءِ تو پنهنجا زيور بہ وڪيا. تون سلائيءَ ۾ هوشيار، ڏينهن رات محنت ڪندي رهينءَ. گهر ۾ ڇا ڇا نٿو ڪپي. تو هر وقت هر حالت ۾ منهن ڏنو. شاباس، آفرين آهي لال توکي.'


ها، هي پئسا ڪٿان آيا؟ مان اِهو 'راز' کوليان ٿي.

پٽ هوءَ سامهون 'سونا بيڪري' آهي نہ. اُن سيٺ جا ڪملوءَ جي پيءُ سان سٺا رشتا هئا. ڪملوءَ کي بہ پائيندو هو.

مون هن کي نانختايون، سنڌي بيسڪيون ناهي ڏنيون. هي پئسا اُن جي عيوض مليا.

مون کيس ٻڌايو تہ ڪملوءَ جي زال چاڪليٽ، ڪيڪ، ماوا ڪيڪ برفي ڪيڪ، ناريل جا ڪيڪ، پُڊنگ، ڪُڪيز تمام سٺا ناهيندي آهي. کيس ڪيترا انعام مليل آهن تہ هن يڪدم خوشيءَ سان آرڊر ڏنو تہ هينئر ڪرسمس ۽ پوءِ نئون سال، هنڙيون شيون تہ کپنديون. هاڻي پياري اِهي سڀ توکي تيار ڪرڻا آهن.'

'سچي اَما؟' خوش ٿيندي نمرتا پڇيو.



شرڌانجلي / آرجن حاسد

ٻاٻاڻي صاحب هڪ مهان شخص

آسانجي سائين ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب به اسان کان پري پري، ڪنهن ٻئي جهان ۾ وڃي پاڻ کي سموئي ڇڏيو. سنڌي جڳت جو آخرين رهبر به هليو ويو. مالهي، ڪيرت، اُتم، پوپٽي، اسانجي قوم جا سونهارا celeberties جيان آهن. ٻيو ڪير به اُنهن جي جاءِ نه ڀريندو. اُهو وقت هئو ورهاڱي کان پوءِ وارو، جڏهن آسان سنڌي ڌڪن ٿاٻن ۾ هئاسين، اهڙو ڪير به نه هئو جيڪو آٿت ڏئي، اونچو ڪنڌ ڪري هلڻ لاءِ چوي، آتم وشواس ۽ پورهئي ڪرڻ جو ڳيان ڏئي. سنڌي قوم جي عظمت جو درشن ڪرائي. اڳوان ته گهڻا ٿيا ۽ ٿيندا رهندا، پر اَهڙا نه، جن کي سوارٿ نه هئو. ها، هڪڙو ٻيو به هئو، رام پنجواڻي صاحب، اُن صاحب به سمجهي ورتو ته هيءَ مشڪل گهڙي، مڙس ٿي سنڌرو ٻڌي ٻيهڻ جي آهي.

آسان سنڌي اڄ به آهيون، پاڻ تي فخر ڪرڻ به سکيا آهيون، سکيا ستابا به آهيون، پر ڪا ننڍڙي ڳالهه وسري ويئي آهي. ٻاٻاڻي صاحب سنڌ ۾ اسٽوڊنٽ - يونين سان به جڙيل هئا، ان تحريڪ کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ، ڏورو ڪندي ڪنڊياري هاءِ اسڪول ۾ به آيا هئا، تڏهن کان مون محسوس ڪيو ته ڪو ته آهي، جنهن کي ڏانءُ آهي سڄاڳي آڻڻ جو. آسانجي اسڪول جي به يونين ٺهي، ٻاٻاڻيءَ جي حاضريءَ ۾. مان يونين جو سيڪريٽري بڻيو هوس،



شرڌانجلي / ٻلديو ٻڌراڻي

پرنسيپال رڪمڻي سندر چئناڻي

رڪمڻي شيوارام ميرچنداڻيءَ جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ۱۴ جولاءِ ۱۹۲۹ع ديهانت ۱۸ اپريل ۲۰۱۵ تي ٿيو هئو. سندس شادي سهگل جون سڪون لاهيندڙ جڳ پرسڌ گائڪ سروَشري سي. ايڇ. آتما، چندرو آتما، اندرو آتما چئناڻي آکهه ۾ مشهور گائڪ سندر چئناڻيءَ سان ٿي. هوءَ ايم. اي.، ايم. ايڊ. هئي. جئه هند هاءِ اسڪول، پمپريءَ ۾ ڪافي سال ماستري ڪندي، نوين هند هاءِ اسڪول ۽ جونيئر ڪاليج، پڻي ۾ اٽڪل ۱۳ سال پرنسيپال ٿي رهي. ڊراما، نرتيه ۽ ڳائڻ جي ڪلا ۾ ماهر هئي. ساهتيه جي هر صنف تي قلم آزمايائين. اٽڪل ۳۰ ڪتاب شايع ڪيائين. پونو ڇڏي آميريڪا وسايائين پر پڻي لاءِ سندس سيني ۾ سڪ ۽ ڇڪ سمايل هئي. پڻي ۾ سندس ٽن گهرين ساهڙين ريتا شهاڻي، ايشوري جوتواڻي، ۽ تارا ميرچنداڻيءَ مان ريتا ۽ ايشوري جوتواڻيءَ جي راهه رباني وڃڻ تي هن کي بيحد چوٽ پهتي هئي. نت نيم سان شاسترن جو پاٺ ڪندي هئي. سنتن - مهاتمائن ۾ ڪيس گهڻي شرڌا هئي. هوءَ بورڊ ۾ ممتحن، پيپر - سيٽر ۽ ماڊريٽر ٿي رهي. درسي ڪتابن ۾ سندس رچنائون شايع ٿيل آهن. هوءَ وڻندڙ شخصيت واري، چست، رلڻي ملڻي، نچڻي، ٽپڻي، همٿائيندڙ، فراخدل، خوددار، خوشمزاج ۽ خيرخواه هئي. آميريڪا ۾ 'پيار' مخزن شايع ڪندي هئي. هوءَ هر ادبي محفل جي مور هئي. سندس رچيل سدا بهار گيت سيني سنگيت محفلن ۾ ڳايو ويندو آهي.

' نه مان رهندس، نه تون رهندين،
نه رهندو ڪو، وڙهون چا لئه ؟

شل پرماتما سندس آتما کي پنهنجي چرڻن ۾ جاءِ ڏئي !

**Bldg No. 8, Flat No. 124, Mira Coop. Hsg. Society,
Shankershet Road, Pune - 411037**



صدارتي تقرير/ لکمي کلاڻي

نوجوان سنڌي ليکڪن جو سيمينار

اَسان لاءِ اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ساهتيه اڪادمي، راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد دهلي ۽ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جي گڏيل سهڪار سان ۱۸ ۽ ۱۹ مارچ ۲۰۱۵ تي هي نوجوان سنڌي ليکڪن جو سيمينار سڏايو ويو آهي، جنهن ۾ ڀارت جي جدا جدا شهرن مان آيل اٽڪل ٽيهارو ليکڪ پنهنجون رچنائون (ڪهاڻي، شعر، ناٽڪ) پڙهندا. ٻرک ليکڪن جي صدارت ۾ هي نوجوان ليکڪ ادب سان لاڳاپيل وشين تي، جئن سنڌي نثر ۽ نظم جي کيتر ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ٿيل اوسر جو پنهنجي مقالن ۾ جائزو پيش ڪندا. هن سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ سڀ نوجوان اديب ’منهنجو من پسند سنڌي ڪتاب‘ ۽ ’سنڌي نوجوان ساهتيه سامهون مسئلا‘ وشيه تي ٻه پنهنجا ويچار پيش ڪندا. مونکي قوي اُميد آهي ته ٻن ڏينهن جي هيءَ ساهتڪ گوشٽي (وارتالاپ) سنڌي نوجوان ليکڪن کي پنهنجي سينيئر ليکڪن جي صحبت ۾ سنڌي ساهت سان وڌيڪ نزديڪيءَ سان جڙڻ جي پريرڻا ۽ اچا بهتر ادب خلقڻ جو اُتساهه عطا ڪندي.

گذريل هڪ ٻن ڏهاڪن کان آديپور، احمدآباد، ناڳپور، ڀوپال، اُلهاسنگر جي ادبي سنستائن طرفان نئين جوش خروش سان ماهوار ادبي ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن. اُنهن معرفت نئين ٽهيءَ جا ڪيئي ليکڪ اُڀري آيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ سندن سنگره ٻه شايع ٿيا آهن. سندن رچنائن کي ’ڪونج‘، ’رچنا‘، ’سپون‘ ۽ ’هندواسي‘ ۾ نوان دستخط عنوان هيٺ جوڳي جاءِ ٻه ڏني وڃيٿي. پاٺڪ کين چاهه سان پڙهڻ لڳا آهن. اسانجا سڄاڻ نقاد پنهنجي صحتمند تنقيد ذريعي، سندن قوتن کي اُجاگر ڪري کين بهتر ۽ اچا بهتر لکڻ لاءِ همٿائي رهيا آهن.

١٥ سالن جو هوس، پنجون انگريزي پڙهندو هوس. اُتي اسڪولي سڪيا لاءِ ست درجا هوندا هئا، جنهن کي مئٽرڪ چئبو هئو. هتي پارٽ ۾ ’سنڌو ڏارا‘ اخبار ۽ پوءِ اڳتي اڳتي وڏي هلچل هئي، مان به اُن هلچل سان جڙي ويس. مون هميشه ڪيرت باباڻيءَ کي پنهنجو پانيو ۽ آدر ڏنو آهي. البت مون اڙٻنگايون به ڪيون آهن، ۽ باباڻي صاحب کي ڏک به پهچايو آهي، پر سندس عزت به اوتري ئي ڪئي آهي. هُن صاحب پڻ مونکي اوترو ئي پانيو آهي، پيار ڏنو آهي. اِها پنهنجائي هوندي آهي، جيڪا ڏک سوُر ڏيندي رهندي آهي. ان لاءِ مون ڪانئن معافي به گهري هئي ۽ هنن ڇيو هئو، اِهو تہ تنهنجو پيار آهي. اڄ جڏهن هوُ صاحب ڪونهن، مان پاڻ کي شرمندو پيو محسوس ڪندو آهيان. باباڻي صاحب وٽ سنڌي قوم لاءِ اٿاهه پيار هئو، اُتساهه هئو. هوُ سنو ليکڪ، مفڪر ۽ دورانديش شخص هئو. سنڌي قوم ڪيتريون ئي مهان شخصيتون پئدا ڪِيون آهن.

68, Neel Kanth Society No.1
P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.



رپورتاج / صاحب بجاڻي

اُسرندڙ اَديبن جو سيمينار

مرڪزي ساهت اَڪادميءَ طرفان NCPSL ۽ سنڌالاجيءَ جي گڏيل سهڪار سان ۱۸ ۽ ۱۹ مارچ ۲۰۱۵ تي آديپور ۾ اُسرندڙ نوجوان سنڌي ليکڪن جو سيمينار ٿي گذريو. ڪل ۲۵ نوجوان ليکڪن (۱۰ ليکڪ ۽ ۱۵ ليکڪائون) ڀرو ورتو. ۲۵ مان ۱۰ مڪاني اديب هئا. باقي ۱۵ ليکڪ ليکڪائون بڙودا، احمدآباد، ناگپور، ڀوپال، اِندور ۽ پونا مان آيل هئا.

ٻن ڏينهن ۾ مهورتي اجلاس کانسواءِ ڪل ۷ اجلاس ٿيا.

پهريون مهورتي اجلاس تولاڻي اِنسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ جي ايئرڪنڊيشنڊ هال ۾ ٿيو. ساهت اڪادميءَ جي ريجنل سيڪريٽري ڪرشنا ڪِمباهوني جي غيرحاضريءَ ۾ سواگتي تقرير ڊاڪٽر پريم پرڪاش، ساهت اڪادميءَ جي سنڌي ائڊوائيزري بورڊ جي ڪنوينر ڪئي. مهورتي تقرير ڊاڪٽر ستيش روهڙا ڪئي ۽ ڪِي. نوٽ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ پڙهيو. موقعي جو صدر هو سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر شري لکمي کلاڻي ۽ معزز مهمان هئي NCPSL جي وائيس چيئر پرسن ڊاڪٽر اروڻا جيتواڻي. ٻنهي پنهنجن تقريرن ۾ هن طرح جي سيمينار جي اهميت تي زور ڏنو. شڪرگذاريءَ جي رسم برک شاعر ۽ NCPSL جي ميمبر گوورڌن شرما گهايل ادا ڪئي.

چانهه بعد پهرئين اجلاس ۾ شري منوج چاولا ’گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي نوجوان ساهت جي اوسر نظم ۾‘ مقالو پڙهيو. ۽ نوجوان شاعرن شاعرائن ڪوتا پاٺ ڪيو. آخر ۾ اجلاس جي صدر شري گوورڌن گهايل پنهنجي تقرير ۾ مقالي ۽ ڪوتائن تي پنهنجي ڪليا رايا ظاهر ڪيا.

باقي ڏيڍ ڏينهن سمورا اجلاس سنڌالاجيءَ جي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٿيا.

پوءِ بہ ان حقيقت کي ناڪاري نٿو سگھجي تہ سنڌي ادب ۾ نون اديبن جي آمد تمام گھٽي گھٽ آهي. سندن رچنائن جو معيار بہ سنتوشجنڪ ناهي. ساهتيہ اڪادميءَ جو ٣٥ سالن کان گھٽ عمروارن اديبن لاءِ خاص انعام اڄ تائين ڪنهن بہ سنڌي اديب کي حاصل نہ ٿيو آهي. منچ تي هر سال اها خالي نظرايندڙ ڪرسي سيني سنڌي نوجوان اديبن کي اُن جو حقدار بڻجڻ لاءِ للڪاري رهي آهي.

سنڌي ادب ۾ نون اديبن جي ان اڻاٺ جي ڪارڻن جي اسان سيني کي ڄاڻ آهي. سڀ کان وڏو ڪارڻ پاٺڪن جي غيرموجودگي آهي.

سنڌي ماڌيم وارا اسڪول هاڻي بند ٿي ويا آهن. سنڌي ڪلاسن ذريعي جيڪا سنڌي تعليم ڏني ٿي وڃي، اُن ذريعي شاگردن ۾ ساهتيہ پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق پيدا ٿيندو، اُن جي اُميد گھٽ ٿي نظر اَچي. نئين ٽهيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ پڙهڻ جو شوق گھٽجي ويو آهي. پنهنجي سنڌي ٽي. وي. چئنل نہ هئڻ سبب هاڻي هر سنڌي گھر ۾ هندي ۽ مڪاني ڀاشائن جي گونج آهي. نتيجي طور اڄ هرڪو سنڌي ليکڪ پڙهي هنديءَ ۾ ٿو، سوچي هنديءَ ۾ ٿو، لکي هنديءَ ۾ ٿو. انعام حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ هو اُنهن کي ديوناگري يا سنڌيءَ ۾ اُتاري، اديبن جي قطار ۾ اَچي بيهي ٿو.

جي اسانکي صحيح معنيٰ ۾ نوجوان ساهتڪارن اندر پنهنجي سنڌي ادب لاءِ ذوق شوق پيدا ڪرڻو آهي، سندن رچناتمڪ قوتن کي اُڀارڻو آهي تہ پوءِ اسان کي هن طرح جا نوجوانن لاءِ خاص سيمينار ۽ ورڪشاپون، بزرگ اديبن جي رهنمائيءَ ۾ سڏائڻ جي سخت ضرورت آهي. جيئن هو پنهنجي بل بوتي تي پنهنجي پيرن تي بيهي، هن ادبي پِڙ ۾ پنهنجي وک وڌائي سگھن.

اها اسان سيني کي ڄاڻ آهي تہ ڪوبہ رچناتمڪ ڪاربہ پئسو ڪمائڻ ۽ راتو رات شهرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو ناهي. بنيادي طور هن تخليقي ڪرت مان ڪلاڪار کي هڪ ذهني سڪون ٿو حاصل ٿئي ۽ کيس پنهنجي هئڻ جو احساس ٿو ٿئي. ان حاصلات کي دنيوي ملهن جي تارازيءَ ۾ توري نٿو سگھجي.

اسانجا پير اوندهہ ۾، اسانجي روشني دڳ ۾
گذاريون شمع وانگر ٿا، جلائي پاڻ کي جڳ ۾ (نارايڻ شيام)



ڪَٿَ / ستيش روهڙا

ٻه ترجما : ٻه صنفون (وِڌائون) - ٻه ڀاشا روپ

’اڻکٽ پيالو‘

’ڪٿ‘ ڪالم ۾ مون هيل تائين گهڻي ڀاڱي مول رچنائن جو ذڪر پئي ڪيو آهي. اڄ مون هن ڪالم لاءِ ٻن ترجمن کي جڳهه ڏني آهي. ان جو مکيه ڪارڻ آهي انهن ٻنهي ترجمن جون خوبيون ۽ خصوصتون. اِهي ٻه ترجما آهن.

١. بندو ڀٽ جي گجراتي ناول ’اکشيه پاتر‘ جو ڪلاڌر متوا دواران ’اڻکٽ پيالو‘ نالي سان ڪيل ترجمو.

٢. منوهر باٿم جي هندي ڪوتائن جو ارجن چاولا دواران ڪيل ’سرحد تان‘ نالي سان ترجمو.

گجراتيءَ جي مشهور ليکڪا بندو ڀٽ جو مشهور ناول ’اکشيه پاتر‘ گجراتي ڪٿا ساهتيه ۾ پنهنجي الڳ جاءِ قائم ڪري ٿو. هن ناول تي بندو ڀٽ کي ساهتيه اڪادميءَ جو انعام پڻ حاصل ٿي چڪو آهي. بندو ڀٽ جي ان کان اول هڪ ناول ’ميرا ياگنڪ جي ڊائري‘ ٻه گجراتي ساهتيه سماج ۾ ڪافي هلچل پيدا ڪئي هئي.

منوهر باٿم جي هندي ڪوتائن جو ترجمو ڀارت جي ڪيترين ڀاشائن ۾ ٿي چڪو آهي.

---

١. ’اڻکٽ پيالو‘ ڪلاڌر مُتوا (انواد) ساهتيه اڪادمي، ٢٠١۴، صفحه ٢٣٧، قيمت -/١٧٠ رپيه.

٢. ’سرحد تان‘ اَرجن چاولا (انواد)، ڪتاب ملڻ جو هنڌ باردر سيڪيورٽي فورس، هيڊ ڪوارٽر نئي دهلي، ٢٠١۴، صفحه ١٧٦، قيمت /٢٠٠ رپيه.

لنچ کان پوءِ ٻئين اجلاس ۾ ’گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي نوجوان ساهت جي نثر ۾ اوسر‘ تي مقالو پڙهيو شري مهيش ڪلواڻيءَ. سنگيتا ڪلواڻي هينا اگناڻي ۽ روشني روهڙا پنهنجيون ڪهاڻيون پڙهيون. صدر شري هيري ٺڪر صاحب مقالي ۽ ڪهاڻين تي صحتمند تنقيد ڪندي ڪي سجهاوَ ڏنا.

چانهه بعد ٽئين اجلاس جي صدر هئي ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي. ’مان ڇو ٿو لکان‘ وشيه تي ڪن نوجوانن اديبن پنهنجا ويچار پيش ڪيا. ڪوتا پاٺ به ڪيو ويو. آخر ۾ ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي سندن رچنائن تي رايا ڏنا.

١٩ مارچ تي چوٿين اجلاس ۾ پروفيسر سونو درياڻيءَ جي صدارت ۾ ’سنڌي نوجوان ليکڪن لاءِ ساهتڪ ماحول‘ تي پارتي سدارنگاڻي مقالو پڙهيو ۽ ڪويتا پاٺ پڻ ٿيو.

پنجين اجلاس ۾ ’نوجوان ساهتيه سامهون مسئلا‘ تي روشني روهڙا جي مقالي کانپوءِ نوجوان ڪهاڻيڪارن پنهنجيون ڪهاڻيون پڙهيون. صدارت ڪئي نرمل گوپلاڻيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ سيما گرناڻيءَ.

ڇهين اجلاس ۾ هيرو ايسراڻيءَ جي غير حاضريءَ سبب صاحب ٻجاڻيءَ جي صدارت ۾ ’منهنجو من پسند سنڌي ڪتاب‘ وشيه تي اديبن ويچار ڏنا ۽ مهيش ڪلواڻيءَ پنهنجو ناٽڪ پڙهيو.

ستين ۽ آخرين اجلاس ۾ مرلي گوونداڻيءَ جي صدارت ۾ ناٽڪ پڙهيا ويا.

سيمينار جو ڪنوينر ڊاڪٽر پريم پرڪاش سمورو وقت حاضر رهيو ۽ ڏيان سان سمورا مقالا ۽ رچنائون ٻڌائين. آخر ۾ هن صاحب سلسليوار ۽ تفصيلوار هر ليکڪ جي رچنا تي جوڙجڪي ۽ صحتمند تنقيد ڪندي هر رچنا جا شفي ۽ نفي پهلو ٻڌايا. خوبيون ۽ خاميون ٻڌايون. ڪي سجهاوَ ڏنا. پنهنجا تاثرات ڏيندي هن صاحب سيمينار تي سنتوش ظاهر ڪيو. اُميد ڪيائين ته آيل نوجوان اديب هن سيمينار مان ڪجهه پرائي ويندا ۽ سندن رچناتمڪ قوّتن کي هٿي ملندي.

آخر ۾ صاحب ٻجاڻيءَ شڪرگذاري ظاهر ڪئي. اُن وقت برک سنگيتڪار پنڊت آسڪرن شرما جي اوچتي ديهانت جي افسوسناڪ خبر آئي ۽ سڀني اُٿي بيهي ٻه منٽ مونُ ڌارڻ ڪري سرگواسيءَ جي آتما جي شانتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي.

22, Maleer,
Adipur Kutch - 370205

ڀاشائن تي اهڙي دسترس ڪافي ڏکي هوندي آهي ان ڪري ئي ڪنهن سنڌي رچنا جو مول ڀاشا مان مرڪز ڀاشا ۾ انواد ڪافي ڏکيو هوندو آهي.

هاڻي اچو مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن تي.

بندو ڀٽ گجراتيءَ جي مڃيل ليکڪا آهي. ۽ موجوده ناول اکيپاتر ڪي نہ رڳو گجراتي ساهتيہ جڳت ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ٿي آهي پر ناول تي بندو ڀٽ کي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام (۲۰۰۳) بہ عطا ٿيل آهي.

ائين تہ ناول ۾ گهڻائي ڪردار آهن پر مکيہ ڪردار 'ڪنچن با' جو آهي. ساڳيءَ طرح وقت جي خيال کان هن ناول جي ڪٿا ڪنچن با جي ٻالپڻ کان ۷۸ سالن جي عمر تائين آهي پر ناول جي سڄي ڪٿا ڪنچن با جي انهن ٽن راتين جي آهي جن ۾ سندس گذريل سموري زندگيءَ سان جڙيل سڀ ڪردار ۽ واقعا گهمي ٿا وڃن. پس منظر جي خيال کان هيءَ ڪٿا گجرات جي مهسانا شهر جي ڀرسان جي 'جساپور' مان شروع ٿئي ٿي ۽ وري جساپور ۾ ئي پوري ٿي ٿئي. ان جي وچ ۾ ڪراچي، پوربندر، احمدآباد وغيره اچي وڃن ٿا. هڪ طرح سان هن ڪٿا جو هڪ چيڙو دبئيءَ ۽ اسپين سان بہ وڃي جڙي ٿو. ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن وقت پاڻ کي بچائي ڪنچن با جو گهوٽ اسپين هليو ٿو وڃي ۽ پنهنجي اول ئي ڪيل شاديءَ جي ڳالهہ کي ظاهر نہ ڪري اُتي هڪ اسپينش شاهوڪار جي ڌيءَ سان شادي ٿو ڪري، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ بہ ٿئي ٿو.

دبئيءَ جو حوالو ڪنچن با جي نٽان جيا جو زرينہ بڻجي وڃڻ ۽ دبئيءَ ۾ سندس شوهر اينس جي ڏاڍي سان ڳنڍيل آهي.

هن ناول ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن وقت ٿيل دل دهلائيندڙ اهڙن واقعن جو بيان ڪيو آهي جهڙو سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ بہ مشڪل ملندو.

ڪلاڌر متوا ناول جي ڀاو - آڌار کي پوري ايمانداريءَ سان ترجمي ۾ پيش ڪيو آهي. 'ڪنچن با' جي جيون جو چتر ترجمي ۾ بہ اهڙو ئي جاندار آهي جهڙو مول ناول ۾. ٻين ڪردارن جي ڪردار نگاري ڏاڍي باريڪ احساس سان ڪئي وئي آهي.

ترجمي جي هنن ڪتابن بابت ڳالهائڻ کان اول انواد يا ترجمي جي ڪلا تي ٿوري روشني وجهڻ بي جاءِ نہ ٿيندو. هرڪو پڙهيل لکيل شخص خاص ڪري هرڪو اديب انواد يا ترجمي جو مطلب سمجهي ٿو. انواد جو ساداڻ ۽ سولو مطلب آهي هڪ ٻوليءَ جي ادبي خواهہ غير ادبي رچنا کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ، پر اُها خبر تمام ٿورن ماڻهن کي آهي تہ انواد يا ترجمي جي پرڪريا يا سلسلو ڪهڙيءَ ريت ڪم ڪري ٿو. انواد پرڪريا ۾ ٻہ پرڪريائون شامل آهن - هڪ آهي ٻوڌڪ پرڪريا ۽ ٻي آهي پوتڪ پرڪريا. انهن ٻنهي پرڪريائن کي ڪرڻ وارو هڪ ڪرتا ٿئي ٿو. انواد پرڪريا سان ٻہ ڀاشائون واسطيدار ٿين ٿيون. هڪ آهي ڏيندڙ يا مول ڀاشا ۽ ٻي آهي وٺندڙ يا مرڪز ڀاشا. ٻوڌڪ ڪريا ۾ انوادڪ مول ڀاشا جي پاٺ مان ان پاٺ جو مفهوم يا مرم حاصل ڪري ٿو ۽ پوءِ ان مفهوم جي برابر يا ويجهو مرڪز يا وٺندڙ ڀاشا ۾ مفهوم ڳولهي ٺاهہ ڪري ٿو ۽ پوءِ ان مرڪز ڀاشا جي مفهوم کي مرڪز ڀاشا جي موزون رچنائن ۾ اظهار ڏئي ٿو. ائين تہ اهي ٻئي ڪريائون گڏ هلنديون رهنديون آهن، پر انواد ۾ غلطين جون ٻہ مکيہ جڳهيون آهن. هڪ مول ڀاشا جي مفهوم يا مرم کي پوريءَ طرح سان نہ سمجهڻ. مول ڀاشا جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ مول ڀاشا تي پوري دسترس لازمي آهي. بهتر آهي تہ انوادڪ مول ڀاشا جو ڀاشي هجي. انواد ۾ مونجهاري جي ٻي جڳهہ آهي مول ڀاشا جي پاٺ جي مفهوم جي برابر يا ويجهو مرڪز ڀاشا ۾ مفهوم کي حاصل ڪري ان کي موزون وياڪرڻي سرشتي ۾ ظاهر ڪرڻ. اهائي استثني آهي جنهن سبب 'فٽز جيرالڊ' عمر خيام جي رباعين جو انگريزيءَ ۾ اهڙو انواد ڪيو هو جو ان تي اها آلوچنا ٿي هئي تہ اهي رباعيون عمر خيام جي بدران فٽز جيرالڊ جون رباعيون ٿيون لڳن. ان تي فٽز جيرالڊ جواب ڏنو هو تہ ساهئي مئل پکيءَ جي بدران بدليل جيئرو پکي بهتر آهي.

ان استثنيءَ مان اهو چٽيءَ طرح سان سمجهڻ گهرجي ٿو تہ مول ڀاشا جي مفهوم يا مرم جي برابر مرڪز ڀاشا ۾ موزون مفهوم ڳولهڻ ۽ ان کي مرڪز ڀاشا جي وياڪرڻي سرشتي ۾ موزون ڍنگ جو اظهار ڏيڻ سولو نہ آهي. ان لاءِ انوادڪ جي مرڪزي ڀاشا تي بہ اَهڙي ئي دسترس هجي جهڙي مول ڀاشا تي. ٻن

سبب 'يرم' لفظ کي ترجمي ۾ 'برهم' ڪري ليکيو ويو آهي. هيٺ ڪجهه لفظ / اظهار ڏجن ٿا جيڪي گهٽي پاڻي ڪچي آهن. 'لِک' (گهڙي، ڪِن)، چٽي پوڻ (ٿابڙجي ڪِري پوڻ)، بيلهه (گهاگهر جهڙو برتڻ)، ڏُتارڻ (ٿارڻ، نٿائڻ)، ڦوٽاٽا (مذاقي لاڏا)، پيدلو (پيٽ ۾ لڳل تختو) لڱني (لڱن، چاهه) چاٻ (لاڏ) چا چڳو (لاڏلو) وغيره. ترجمي ۾ ڪيترا لفظ اَهڙا به آيا آهن جيڪي سنڌي شبد ڀنڊار ۾ اضافو ڪندا. جيئن عنوان ۾ ڪم آندل 'اَٽڪُٽ' سنڌيءَ ۾ 'اٽلپ' موجود آهي، 'اَٽُت' به موجود آهي، پر 'اٽڪت' ڪونهي. هيءُ لفظ آسانيءَ سان سنڌي بڻجي ويندو. ساڳيءَ طرح سان 'واچا' لفظ آيو آهي جنهن جو مطلب هتي آهي 'واڻي'، 'ڀاشا'. اڳي لکيل خطن جي پڇاڙيءَ ۾ 'رامست واچٽيءَ' ۾ واچٽي لفظ استعمال ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڌرمي ڪتاب کي پڙهڻ لاءِ 'واچڻ' به استعمال ٿيندو هو پر 'واچا' لفظ سنڌيءَ ۾ نئون ٿيندو ۽ ادبي رچنائن ۾ هلڻ لڳندو. هتي هڪڙو لفظ 'پات' به آيو آهي. پات تي پير پسارڻ، سنڌيءَ ۾ 'پاٿيو' آهي پر اهو گهٽي پاڻي تختي لاءِ ڪم ايندو آهي. اهو 'پات' به شايد سنڌيءَ ۾ جاءِ جوڙي وٺي. 'اوٽو' (بنو - پٽ) ۽ 'اوسري'، 'اَگھڻ' کي به سنڌي شبد ڀنڊار ۾ جڳهه ملي ويندي.

هن ترجمي دوران ڪلاڌر گجراتيءَ جي ڪيترن اظهارن کي سنڌيءَ ۾ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي. جيئن - پيءُ جو ٻارهو ۽ ڌيءَ جو پهريون پيٽ روز روز ڪونه ٿيندو آهي. (ڌرتيءَ سان) لڳاپو جيئن جلدي ٿيندو ناهي تيئن تڪڙو ٽٽندو به نه آهي. لاٻ لڳڻ (موقعو ملي وڃڻ)، مُڙدي تي بجلي ڪرندي ناهي (جيڪو شخص دکن ۽ پيڙا سبب مڙدي جيان ٿي ويو هجي، ان تي ڪو دک اثر نه ڪندو آهي). نيسارا مٽي وهائڻ (ناممڪن جهڙو ڪم)

سَسُ جي چُلهه جي پَرِ ۾ ٻي چُلهه ناهجي پر شهري جي گهر ٻاهران پير به نه ڌرجي. تنبي جا تيرهن پَوَ، ڪنهن کي خبر! ڪير جاڻي. ويم واري استريءَ جو هڪڙو پير مساڻ ۾ هوندو آهي.

چوڻ جو مطلب ته هن قسم جا انيڪ اظهار ڪتاب ۾ پيا پيا آهن. جيڪي ڪتاب جي ڪٿا کي تمام خوبصورتيءَ سان اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪن ٿا ۽ ڪردارن جي اندر جهانڪي پائڻ جو وسيلو به بڻجن ٿا.

هاڻي اچي ٿو ڪننائيءَ جو ٻيو ڏاڪو - يعني ناول جي مول ڀاو کي قائم رکندي ان کي مرڪز ڀاشا يا وننڊڙ ڀاشا يعني سنڌيءَ ۾ صحيح طرح قائم رکڻ. ان ۾ وننڊڙ ڀاشا جو آوازي سرشتو، لفظي سرشتو، جملن جي بيهڪ - يعني گرامر جو سرشتو ۽ معنائي سرشتو اچي وڃن ٿا. هي سڀ سرشتا گڏجي هڪ ڀاشائي سرشتي کي جوڙين ٿا. ان سرشتي کي هڪ خاص انداز ۾ استعمال ڪرڻ سان عبارت يا شئلي ٺهجي ٿي.

ڪڇي ۽ سنڌيءَ جا ڀاشائي سرشتا هڪ ٻئي جي ڪافي ويجهو آهن پر ان هوندي به انهن ۾ چڱيون علحدگيون آهن. مثال طور سنڌي لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ ننڍا سُر ڪڇيءَ ۾ غائب ٿي ويا آهن. ان ڪري سنڌيءَ ۾ 'پيءُ'، 'ڌيءُ' جهڙا لفظ ڪڇيءَ ۾ 'پِي'، 'ڌِي' ٺهجي پوندا آهن. ائين ته ڪلاڌر پنهنجي ايپاس سان معياري سنڌيءَ سان نباهڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي پر تنهن هوندي به ڪي اَهڙا مثال ترجمي ۾ موجود آهن. هيٺيان جملا ڏسو.

مثلا - تون آهي پنج هٿ پوري. جيڪو سهي سگهي ان کي ٿي سچو بارڏبو آهي نه. توکي ياد اٿيئي تنهنجيءَ شاديءَ ۾ ڪهڙا نه قوناٽا ڳاتا هئاسين!......؟ شاديءَ ۾ جاچاٽين کي مزو اَچي ويو 'چانورڪان ڪٽڪ ڏگهي، الا ميان ......

هن ننڍڙي پاٽ جي نڪري مان ڪڇي ڀاشا، ترجمي جي خوبي وغيره جي جاڻ پئجي ٿي وڃي. 'هينءَ' لفظ سنڌي لفظ ڪڇيءَ ۾ 'هِين' آهي، پر 'شاديءَ' ۾ پڇاڙيءَ وارو 'ءَ' قائم آهي. سنڌي اٿئي، ڪڇي 'اٿيئي' ٿي پيو آهي. هن پاٽ جي انش ۾ ڪڇي - گجراتي جا ڪافي اظهار به آهن. 'جيئن پنج هٿ پورو هئڻ' (هرڳالهه ۾ پورو)، قوناٽا ڳائڻ، ڪڇي محاورو آهي معني نڪري ٿي مذاقي لاڏو (سنڌيءَ ۾ اهڙو محاورو ڪونهي) 'جاچاٽيون' به ڪڇيءَ ۾ شبد آهي. سنڌيءَ ۾ رڳو 'جاچي' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي.

ڪڇيءَ ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي به آوازي سرشتي جا تفاوت موجود آهن. گجراتي خواه ڪڇيءَ ۾ 'ڙ + ه' جو گڏيل اُچار ڪونهي ان ڪري جتي به 'ڳڙهه' لفظ جو سنڌيءَ ۾ اُچار آهي اُتي ترجمي 'ڳڍ' لکيو ويو آهي. (دربار ڳڍ طرف هلي ويئي - صفحه ۴). ساڳيءَ طرح سان ڪڇيءَ ۾ 'ي + ر' جو گڏيل اُچار نه هئڻ

منوهر باڻم هنديءَ جو نئون ڪوي آهي. ان ڪري ئي شري منوهر باڻم لاءِ مهاڳ ۾ ليلاڌر منڊلوئيءَ هن شاعر جو هنديءَ جي ڪاويه جڳت ۾ سواگت ڪيو آهي.

منوهر باڻم بارڊر سڪيورٽي فورس ۾ آفيسر هئو ۽ هن ڪشمير کان ڪڇ تائين سرحد جي رکواليءَ ۾ ٽيهه سال گذاريا. پنهنجي ايمانداريءَ ۾ سرحد جي پوري پابنديءَ سان پهريداري نباهڻ جي فرض جي قدر دانيءَ طور ڪري کيس راشٽرپتيءَ جو ميڊل به عطا ڪيو ويو هو. هن مجموعي جون ڪوتائون به هن فرض ادائيءَ جي دوران ئي لکيون آهن. سچ ته منوهر باڻم هٿ ۾ بندوق ۽ قلم گڏ کنيا آهن. ڊيوٽيءَ وقت هن جو هٿ بندوق تي پختو قائم آهي ۽ تنها ٿيندي ئي هن جو قلم هلڻ ٿو لڳي ۽ سندس سنويدن شيل من جا تَهه کُلڻ تا لڳن. پنهنجين هنن ڪوتائن بابت منوهر باڻم لکي ٿو -

’منهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي ڪشمڪش آهي. ٿورو درد، ٿورو تجربو، جنهن ۾ ڪجهه خاموشي، جنهن کي قلمبند ڪرڻ ممڪن نه آهي. مون جيڪي ڪُجهه لکيو آهي، سا حقيقت آهي - ڏٺل يا محسوس ڪيل جو حصو. ائين چئي سگهجي ٿو ته هي نظم انهيءَ دور جون چنيون آهن، جن کي ٽپال ۾ موڪلڻ وسري ويو هوم. انهن چنين ئي شايد نظمن جو روپ ورتو آهي.‘

منوهر باڻم پنهنجين ڪوتائن بابت جيڪي ڪجهه لکيو آهي ان کي پڙهڻ کان پوءِ اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هي ڪوتائون حساس من جون جذباتي پر حقيقي ڪوتائون آهن. ڪوتائون بيحد سرل ڀاشا - شئليءَ ۾ لکيل آهن پر انهن ۾ جيڪي علامتي اشارا آهن، بي بيان جذبات جو جيڪو اظهار آهي اهو پڙهندڙ جي اندر هڪ ولوڙ پيدا ڪري ٿو ڇڏي. نموني لاءِ هتي ڪجهه ڪوتائون ڏجن ٿيون.

سرحد جي هڪ گهر ۾ آتنڪواديءَ جي ڳولها ۾ سرحدي سرکشا جا سپاهي ڳهر جو سمورو سامان ٽيڙي پکيڙي تا ڇڏين. گهر ۾ رڳو هڪ جهوريڙي آهي. ڳهر مان ڪجهه ليي ڪونه ٿو. گهر ڇڏڻ وقت پهريدارن جو سردار (باڻم) چوي ٿو -

باقي هڪ ڳالھ. جن ۾ پاڻکن کي هيءَ ناول پڙهڻ جو موقعو مليو اهي پڙهي اهو محسوس ڪري سگهندا تہ هڪ ناول جي ڪٿا ۾ ڪيتري وسعت، ڪردارن جي وابستگي، زمان ۽ مڪان جو وستار پر ضابطو، شعليءَ جي خوبصورتي ۽ زمان ماضي ۽ حال کي اڳيان - پنيان آڻيندي انهن جو ڪلاتمڪ استعمال، ڀاشا پندارتي دسترس وغيره ناول کي ناول بڻائين ٿا.

حالتن جي مجبورين يا زندگيءَ جي مشاهدي جي ڪميءَ سبب سوءَ - سوا سوءَ صفحن ۾ چيچندڙ ناول سچ تہ گهٽي پاڳي وڏيون ڪهاڻيون هونديون آهن.

ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي تہ ڀاشا ۽ گرامر جي ڪن ڪَمين جي باوجود ڪلاڌرمتوا دواران انواد ڪيل ناول ’اڻڪت پيالو‘ سنڌي ادب، خاص ڪري ناول جي کيتر ۾ هڪ سٺو اضافو آهي.

’سرحد تان‘

هن ’ڪٿ‘ ۾ ڪنيل ترجمي جو ٻيو ڪتاب آهي اَرجن چاولا دواران منوهر باٿم جي ڪوتائن جو ڪيل ترجمو. اهو هڪ مڪيل نيم آهي تہ انواد يا ترجمو ڪندڙ ان ڀاشا جو حوالو ڏئي جنهن مان اهو انواد ڪيو ويو آهي ۽ اهو بہ ٻڌائي تہ مول ڀاشا ۾ ان ڪتاب جو عنوان ڇا آهي؛ پر عجب جي ڳالھ آهي تہ ترجمي جي هن ڪتاب ۾ نہ تہ ’پرنٽ پيج‘ (جنهن تي ڪتاب جي پرنٽنگ جي وچور آهي) ۽ نہ وري مهاڳ ۾ ان جو ڪٿي ذڪر آهي. ارجن چاولا جهڙي سڄاڻ شخص کان هيءَ ڳالھ ڪيئن رهجي وئي! هاڻي انهن پنهي ڳالهين بابت انومان ڪرڻو ٿو پوي. ’حقيقت پسند شاعر: منوهر باٿم‘ جي سِري هيٺ ليلاڌر منڊلوئيءَ لکيو آهي تہ موجوده دور جي هندي ڪاويہ جي اڱڻ ۾ مان هن نئين شاعر جو سواڳت ٿو ڪريان‘. هن بيان مان اهو انومان لڳائجي ٿو تہ هيءُ مول روپ ۾ هنديءَ ۾ لکيل ڪوتائون آهن. پر عنوان بابت ڇا چئجي؟ ’سرحد تان‘ تہ مول رچنا جو عنوان ٿي نٿو سگهي جو ’ - تان‘ سنڌيءَ جو اهڙو ظرف آهي جهڙو ڪنهن بہ ٻيءَ ڀاشا ۾ ڪونهي. ٿي سگهي ٿو عنوان ’سرحد سي‘ هجي. پر ڪيئن بہ مول عنوان ڏيڻ ضروري آهي جيئن جيڪڏهن ڪو پاڻڪ چاهي تہ مول رچنا گهرائي - هٿ ڪري پڙهي سگهي. سڪ.

هنن ڪوتائن مان اها ڳالهه به ثابت ٿي وڃي ٿي ته سڻيون ڪوتائون ناهيل - ٺڪيل، گهڙيل - تراشيل ڪوتائون نه هونديون آهن. اهي بس ڪوتائون هونديون آهن. دل - دماغ جو شديد احساس، اظهار پائي ٻاهر ايندو آهي.

انوادڪ ارجن چاولا سنڌيءَ جو هڪ مڃيل ساهتڪار آهي ان ڪري اهو حساس شخص آهي. سنڌي هن جي پنهنجي ڀاشا آهي ۽ هندي جڳت سان هن جو سالن جو ناتو رهيو آهي. هو رهندو به هندي ڀاشا کيتر (عليڳڙه) ۾ آهي. ان ڪري چاولا جو سنڌي خواه هنديءَ تي پورو ضابطو آهي. ان ڪري چاولا جو چوڻ واجب آهي ته 'ترجمي ۾ مول رچنا جي آتما کي اٽي بيهارڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ويئي آهي.' ها، ڪٿي ڪٿي هنديءَ جو اثر ظاهر آهي. جيئن پهرين ڪوتا ۾ 'فصل ڪٽجي پيئي'، 'فصل' هنديءَ ۾ جنس مونث آهي پر سنڌيءَ ۾ 'فصل' جنس مفڪر آهي، ان ڪري ٿيندو 'فصل ڪٽجي پيو.'

پر ساڳي ۽ ڪوتا جي پڇاڙيءَ ۾ 'فصل سنو آهي' ۾ 'فصل' جنس مذڪر جي روپ ۾ استعمال آهي. انواد ۾ چڱا هندي لفظ به استعمال ٿي ويا آهن. جيئن - گهسي اَچڻ، سليقو، بکيرڻ، گولا داغڻ وغيره.

ڪي نوان لفظ به نهي اَچي ويا آهن، پر سولا آهن. جيئن 'ڏيکامجي' مطلب 'ڏسڻ ۾ اَچڻ.'

ٻيءَ حالت ۾ ڪوتائون پڙهندي اهو لڳي ئي نٿو ته انواد ڪيل رچنائون پڙهي رهيا آهيون. لڳي ٿو ته مول ڪوتائون آهن؛ ۽ اهو انواد جي سڦلتا جو وڏو ثبوت آهي ته انواد ۾ مول رچنا جي سنويدنا ۽ ويچار جي شدت کي قائم رکندي ان کي مول رچنا جهڙو بڻائجي.

منوهر باٿم کي اهڙيون جذباتي مانوَ وادي ڪوتائون لکڻ لاءِ گهڻيون گهڻيون مبارڪون ۽ ارجن چاولا کي اهڙي شاندار انواد لاءِ واڌايون. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته مٿي ذڪر ڪيل ٻن ڪتابن سان سنڌي ادب جي ترجمي جي کيتر ۾ سهڻو اضافو ٿيو آهي.

5, Maleer,
Ward 4-A,
Adipur (Kutch) 370205

معاف ڪرامان ! اسان سڄو سامان بکيڙي ڇڏيو،
’معافي ڇاجي ؟ پُٽ.
هو پنهنجو ڪم ڪري رهيو آ،
غلط يا صحيح، نٿي ڄاڻان.
تون پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهين
غلط يا صحيح، نٿي ڄاڻان.
مان ٻنهي کي پاراتو ڪيئن ڏيان
ماءُ جو آهيان.
هيءَ ڪوتا پڙهي
ڪهڙي اک آلي نہ ٿيندي؟
ڪهڙي دل پرجي نہ ايندي.

هڪ ٻي ڪوتا -
ڀن جون گوليون / ۽ منهنجا گولا
هڪ ٻئي کي / گهٽ ئي لڳندا آهن
پوءِ بہ داڳيا وڃن ٿا / بي شمار سوراخ
دماغ سان گڏ / روحن ۾ / جيڪي زخمي ٿي
ٽڪي رهيا آهن/ اُهي سوراخ/ في الحال/ ڏسڻ ۾ نہ ايندا.
اُهي ايندڙ پيڙهين جي دلين ۾/
ڪُڙندڙ زخمن ۾/ نظر ايندا، پر/
اُن وقت/
اَسان نہ هونداسين.
جي حوالا ڏيڻ ويهجي تہ منوهر باٿم جون گهڻيون ئي ڪوتائون اڳتي وڌي ايندون.
سولي پاشا شئليءَ ۾ لکيل هي ڪوتائون انساني درد جون ڪوتائون آهن. اهي ڪنهن شخص يا ڪنهن ملڪ تائين محدود نہ آهن.

ڪيمن مولاڻي ٻٽرائڙه (ڀوپال)

رچنا جو ١٤٥ انڪ مليو. لک ٿورا. هيءُ پرچو بہ اڳ وانگر ڀرڊار آهي. رچنا جو ايڊيٽوريل تہ هر پيري پڙهي هنئين سان هنڊائڻ جهڙو هوندو آهي. هيءُ بہ آهي. ڪهاڻي چٽاپيتيءَ جو ايمانداراڻہ نتيجو ڇاپي نئين روايت وڌي آهي. سنڌي ادب ۾ هن کان اڳ شايد اهڙي نموني ڪٿ جا آڌارَ مارڪون حصو وٺندڙن کي ڪونہ ٻڌايون ويون آهن. تنهن لاءِ توهان کي داد هجي. رچنا جي نظم خواه نثر وڀاڳ ۾ رچنائن جي چونڊ بهترين آهي. رچنا نون چاهي جهونن ساهتيڪارن کي گڏو گڏ جيءَ ۾ جاءِ ڏئي ٿي، اها تمام سٺي ڳالهہ آهي. سنڌي ادب جي واڌاري کي هٿي ملندي. نون شاعرن/ شاعرائن بہ سٺو پاڻ ملهايو آهي. مبارڪ هجين. دادا لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي ڪاريہ ۽ حاصلاتن جي ڄاڻ پائي فخر ٿيو. لڪل لعل آهن. ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻيءَ جوترجمو ڪيل سندن ليک سنڌين نسبت گهڻي ڄاڻ ڏيندڙ آهي. لکمي کلاڻيءَ جي مهورتي تقرير 'سنڌي ڪهاڻي : هڪ صدي سيمينار' گهاگهر ۾ ساگر مثل آهي. نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪهاڻي 'بابا - گاڏي' وڻي. دادا ارجن حاسد جي تاثرات مان گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ مليو. اهڙن بحثن مباحثن جي سنڌي ادب ۾ ضرورت آهي. هاڻي ڀارت ۾ سنڌي ادبي مخزنون صرف ٽي وڃي بچيون آهن. جيڪي اُجايلن جي ٿوري گهڻي ئي سهين اُچ مٿائين ٿيون. هاڻي تہ هتي ڀارت ۾ سنڌي ادب لکڻ پڙهڻ وارا بہ گهٽجي رهيا آهن. ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ بيوسي آهي. خير.

ڪمل 'پياسي' (اَحمد آباد)

رچنا جو تازو ١٤٥ انڪ پڙهيم. ڪافي محنت ڪيل آهي. اُسرندڙ اديبن کي اڳيان آندو اٿو. انلاءِ واڌايون. ڏرو تنواڻي، گيتا بندراڻي ۽ جيوتي ڀاوناڻي وقت اچڻ تي ضرور اڳيان وڌي سگهنديون. منهنجيون شڀ ڪامنائون هنن سان آهن. لکڻ جي ڪوشش جاري رکڻ گهرجين. هن دفعي ٻي شاعري پڙهندي بہ دل شاد ٿي ويئي، انلاءِ مبارڪون!

سنڌي ڪهاڻيءَ تي لکمي کلاڻيءَ جا تاثرات بہ ڪافي اثردار آهن.

توهان طرفان

ڪلاڌر مُتوا (ٻني-ڪڇ)

جون جولاءِ جي لڳ ڀڳ سڙيندڙ گرميءَ ۾ رچنا جو جنوري - مارچ وارو پرچو (انڪ ۱۴۵) ادبي ٿڌڙي هوا گهولي فرحت جو احساس ڪرائي ويو. پرچو کوليندي مٿاڇري نظر گهمائيندي ئي مونکي ٻن خوشين سان سرشار ڪري ويو. هڪ ته هن ۾ 'رچنا' طرفان ڪرايل ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ وارو نتيجو ڏنل هو. جنهن ۾ منهنجي ڪهاڻي 'پاس ڪ ناپاس' پهريون نمبر آيل هئي. رچنا جهڙي معياري پرچي طرفان ڪرايل چٽاڀيٽيءَ ۾ ڪهاڻيءَ کي پهريون نمبر ملي اها وڏي ڳالهه آهي.

ٻي خوشي اها ته هن انڪ جو ڪور پيج جناب ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي جي تصوير سان مزين هو ۽ هنن کي ئي پيتا ڏنل هو. رچنا جي اها سٺي روايت آهي جو جيئري ئي ذات ڏٺين جي قدرشناسي ڪري ٿي. ڊاڪٽر خوبچنداڻي اسان جي هندوستان جو مايه ناز محقق ۽ ماهر- لسانيات آهي. هيءُ صاحب ٻه ڀيرا ٻنيءَ جو دورو ڪري ويو آهي. هنن اِنڊس ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان اسان جي اداري 'ٻني سنڌو سيوا سنگهه' کي ٻنيءَ جي ڳجهارتن کي سهيڙڻ وارو پروجيڪٽ ڏنو هو. جنهن تحت اسان جي اداري ٻنيءَ ڳوٺن ۾ گهمي تقريبن ٽي سو ڳجهارتون هٿ ڪيون. جنهن کي پوءِ گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. ائين ٻنيءَ جي ڳوٺن ۾ سگهڙن جي سينن تي اڪريل ڳجهارتون ليٽ ٿيڻ کان بچي ويون. اهو يقينن وڏو ۽ بنيادي ڪم آهي. ٻنيءَ ۾ ڪيل ڳجهارتن واري ورڪشاپ ۾ سائين لکمي ڪلاڻي ۽ موهن گيهاڻي صاحب به ساڻن گڏ هئا. مونکي ياد آهي ته هنن پنهنجي تقرير ۾ ٻنيءَ کي ڀاشا جي لحاظ کان هڪ ريلڪ ايريا ڪوٺيو هو. ۽ چيو هو ته ٻني اها ايراضي آهي جتي سنڌي ٻوليءَ جا جهونا لفظ جيڪي هاڻي ٻين علائقن ۾ غائب ٿي ويا آهن هتي اڃا واهپي ۾ آهن.

ان کان علاوه پرچي ۾ ڏنل جملہ مواد سنڌ جي سنڌڙي انب يا ڪڇ جي ڪيسر انب جيان ادبي مناس سان ڀرپور هو. جنهن جي مضمونن روپ هر هر قارذهن کي سٺي چاشني چکائي. واقعي ڪلاڻي صاحب مبارڪ باد جا مستحق آهن جيڪي رچنا جي معيار کي قائم رکڻ جا هميشه جتن ڪندا رهيا آهن.

جَڙِيَنِ، شادي، چنڊ تي، ٿا ڀراٽا ڪڍن،
هٿ ۾ ڏونڪا،تال تي، ٿا مستن جيان نچن،
نچندي ڇيڄ وجهن، سنڌي منهنجيءَ سنڌ جا.



With Best Compliments from

Lal Hardasani

G.P.O.Box 9991
Hong Kong
Tel No. (Off.) 852-2850 5666
Fax No. (Off.) 852-2851 7061
Mobile No. - 9092 7864
Email-lal@lals-insurance.com

Many are the ways that lead to God, - many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever be the road man takes, whatever be the religion he follows, - is the simple path of selfless to fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man lives only to bring happiness to others, he is very close to God.

Dada J.P. Vaswani

RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION
DUBAI

جُهمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالهہ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالهہ يا ڍولڪ بہ وڄائن تہ مٺي مٺي سُرَ ۾ لاڏو يا سهرو بہ چون. زالن جو ٻيو جُهنڊ پيرا ڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُهمر سونهن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي



YUVA LEKHAK SEMINAR

Organised by

(i) Sahitya Akademi (ii) N.C.P.S.L. (iii) Indian Institute of Sindhology

On 18-19th March 2015 at Adipur



Inaugural function : Shri Hiro Thakur, Shri Goverdhan Sharma, Prof. H.K.Kripalani, Dr. Vimi Sadarangani, Prof. Sonu Daryani, Dr. Gurdasani & other guests & participants



Roshni Rohra
Ahmedabad



Bharti Sadarangani
Adipur



Anita Tejwani
Adipur



Heena Agnani
Ahmedabad



Mamta Parwani
Nagpur



Rekha Pohani
Pune

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پيشڪش

نارايڻ شيام جي آڊيو سي. ڊيءَ ۾ سپنا رائسنگهاڻيءَ جي ڳايل گيتن، غزلن جي فهرست

١. ڪي گيت موُن ايڪانت ۾ ڳايا آهن
1. Ke geeta mooṇ ekaant meṇ g̲aayaa aahin

٢. رات پُٺيان پرڀات، اي دل ماندي ٿين متان
2. Raat puthiyaaṇ pribhaat, E dil maandee theeṇ mataaṇ

٣. تنهنجو ناتو راڻا، مومل لاءِ سمجهاڻي
3. Tunhinjo naato raan̲aa, Moomal laai samjhaanee

٤. پنهنجي ڀرِ ۾ جاءِ پرين! ڏي پنهنجي ڀرِ ۾ جاءِ
4. Paṇhinje bhara meṇ jaai Preeṇ ! d̲e paṇhinje bhara meṇ jaai

٥. هيءَ دنيا جهڙي ڀي آهي
5. Heea duniyaa jahiree bhee aahe

٦. جيڏي پنهنجي سونهن لڪايئہ
6. Jed̲ee paṇhinjee sooṇhaṇ likaayai

٧. لُڇندي گهاريم ساري رات
7. Luchhaṇde ghaariyam saaree raat

٨. ڪهڙي دنيا مُٺيءَ جي ڳالهہ ڪريون
8. Kahiree duniyaa mutheea jee g̲aalhi karyoon


٩. اِهي گَهريون گَهريون ڪاريون اکيون
9. Ihe gahiryooṇ gahiryooṇ kaaryooṇ akhiyooṇ

١٠. وقت ايندو جو ملڻ کان ئي پري هوندس مان
10. Waqtu eeṇdo jo milan̲a khaaṇ ee pare hooṇdus maaṇ

سي. ڊي. جي قيمت - RS. 50/

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
(BHARATI SINDHU VIDYAPEETH - Registered Trust)
P.B. No. 10, Ward 4A, ADIPUR (Kutch) - 370205
Phone : (02836) 263851, 261569
Fax : (02836) 260336
e-mail : sindlogy@yahoo.com -contact@sindhology.org
visit www.sindhology.org
www . RomanizedSindhi.org





Sapna Raisinghani Presents a Ghazal at Release of Narayan Shyam's CD on 14th March 2015

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540